ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمع پهرين مئي 2026ع 13 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (256)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم پاران ڪمزور طبقي کي رليف جي فراهمي جو سلسلو برقرار رکڻ جو فيصلو، سبسڊي ۾ واڌ

موٽرسائيڪل سوارن، پبلڪ ۽ گڏز ٽرانسپورٽ جي لاءِ گڏريل مهيني ڏني ويندڙ سبسڊي ۾ هڪ مهيني جي وڌيڪ واڌ جو فيصلو ڪيو ويو، وڌ کان وڌ رليف ڏيڻ چاهيون ٿا: وزيراعظم

پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ مال بردار گاڏين جي ڪرايـن ۾ اضافي کي روڪيو وڃي، عوامي ريليف جي قدمن جي موثر نگراني يقيني بڻائي وڃي، عوام کي وڌ رليف ڏئي رهيا آهيون

وفاقي حڪومت صوبائي حڪومتن جي تعاون سان مشڪل حالتن ۾ عام ماڻهو لاءِ اربين روپين جو قومي ريليف پيڪيج فراهم ڪيو، جيترو ٿي سگهيو عوام کي رليف فراهم ڪندا رهنداسين

عام ماڻهو کي رليف ڏيڻ حڪومت جي اولين ترجيح رهندي ۽ ڪنهن به صورت ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو خطي جي صورتحال ۾ جلد بهتري اچي ته جيئن پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ استحڪام اچي سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف تازي صورتحال کي نظر ۾ رکندي معاشي طور تي ڪمزور طبقي کي ريليف جي فراهمي جي تسلسل کي برقرار

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم وزير سان ايران جي سفير جي ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن تي ڳالهيون

علي پرويز ملڪ سان پاڪستان ۾ ايران جي سفير رضا اميري مقدم ملاقات ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم واري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت هميشه مزدورن ۽ هارين جي ڀلائي کي ترجيح ڏني آهي: شرجيل ميمڻ

شڪاگو جي شهيدن جون قربانيون دنيا جي مزدورن لاءِ جدوجهد جي نئين راهه جو تعين بڻيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ سعودي عرب ۾ عيدالاضحيٰ گڏ ملهائڻ جا امڪان

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ۾ ذوالحج جو چنڊ 29 ذوالقعد آچر ڏينهن 17 مئي 2026ع تي نظر اچڻ جو چٽو امڪان آهي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد مرڪز جو قيام نارٿ ناظم آباد مرڪز افتتاح موقعي تي ڪيل واعدي جي تڪميل آهي: وڏو وزير

هڪ والدين جي طرفان حيدرآباد ۾ اهڙي ئي نوعيت جي مرڪز جي درخواست ڪئي وئي هئي، جنهن تي هن فوري قدمن جي هدايت ڏني

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

آمريڪي فوج جون ايران تي مختصر ۽ طاقتور حملن جون تياريون، ائٽمي ۽ ميزائيل صلاحيتن جو تحفظ ڪنداسين: سپريم ليڊر

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي جو چوڻ آهي ته ايراني نار جو مستقبل آمريڪا جي موجودگي کانسواءِ روشن هوندو، تهران ۽ پاڙيسري نار ملڪن جو مقدر گڏيل آهي ايراني ميڊيا موجب، سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته خطي ۾ پرڏيهي عنصرن لاءِ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ گيس جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، نون ڪنيڪشنز تي پابندي لاڳو

آر ايل اين جي سپلاءِ متاثر ٿيڻ سبب گيس جي گهريلو درجي ڪمرشل ڪنيڪشنز تي پابندي مڙهي وئي

نون گيس ڪنيڪشنز تي پابندي جو فيصلو آر ايل اين جي سپلاءِ متاثر ٿيڻ سبب ڪيو ويو آهي: سوئي ناردرن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ملڪ ۾ گيس جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي جنهن ڪانپوءِ سموري ملڪ ۾ گيس

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاسدارن انقلاب پاڪستاني جهاز کي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

8 ڪروڙ ليٽر ڊيزل کڻي جهاز "خيرپور" هرمز پهچي ۽ ۾ داخل ٿي ويو: پي اين ايس سي

ڪويت جي بندرگاهه تان ڊيزل کڻي ايندڙ جهاز ڪراچي پورٽ تي لنگر انداز ٿيندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پاسدارن انقلاب هڪ ٻئي پاڪستاني جهاز کي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي خصوصي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز ۾ ڇڪتاڻ سان عالمي معيشت تي اثر پئجي رهيا آهن: پاڪستان

وچ اوڀر مسئلي جي پرامن ۽ ڳالهين ذريعي حل لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون

ته جنگ بندي سان ڳالهين لاءِ سازگار ماحول پيدا ٿيو، پاڪستان ٻنهي ڌرين سان مسلسل رابطي ۾ آهي: ترجمان

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو آهي ته وچ اوڀر مسئلي جي پرامن ۽ ڳالهين ذريعي حل لاءِ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 12 مئي کان خصوصي پوليو بوسٽر مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

شهر جي جي 89 يونين ڪائونسلز ۾ 10 سال تائين جي ٻارن کي ڦڙا پيئاريا ويندا

مهم انهن علائقن ۾ هلائي ويندي جتي سيوريج نمونن ۾ وائرس جي رپورٽ ٿي آهي: اي او سي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي 89 يونين ڪائونسلز ۾ 12 مئي کان خصوصي پوليو بوسٽر مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ اڄ مزدورن جو عالمي ڏهاڙو، ريليون ۽ جلسا منعقد

ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ گهٽ اجرت مزدورن جي زندگي کي سخت متاثر ڪيو آهي: اڳواڻ

قانون موجود هجڻ باوجود انهن تي عملدرآمد نه ٿيڻ سبب مزدور استحصال جو شڪار آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڄ سڄي دنيا سميت سنڌ ۾ يوم مئي ملهايو پيو وڃي، جيڪو مزدورن جي جدوجهد، حقن ۽ قربانين

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه معذورن لاءِ سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

وڪيل برادري عدالتي نظام جو بنيادي ٿنڀ آهي : جسٽس امين الدين

انصاف جي وقت تي اثرائتي فراهمي لاءِ بار ۽ بينچ وچ ۾ مضبوط ۽ لڳاتار سهڪار ضروري آهي

وفاقي آئيني عدالت انصاف جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ مختلف سڌارن تي ڪم ڪري رهي

چيف جسٽس امين الدين خان ڪي ملتان بار ايسو سيئيشن جي سيڪريٽري بار جي ڪارڪردگي کان آگاهه ڪيو

عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان چيو آهي ته وڪيل برادري عدالتي نظام جو بنيادي ٿنڀ آهي ۽ انصاف جي وقت تي اثرائتي فراهمي لاءِ بار ۽ بينچ وچ ۾ مضبوط ۽ لڳاتار سهڪار ضروري آهي. هن ملتان بار ايسوسيئيشن جي 13 رڪني وفد سان ملاقات دوران ڇيو. وفاقي آئيني عدالت مان جاري ڪيل بيان موجب ملاقات خوشگوار تعميري ماحول ۾ ٿي جنهن ۾ قانوني پيشي کي درپيش ڏکيائين عدالتي نظام جي بهتري ۽ اداره جاتي اصولن کي وڌيڪ مضبوط ڪري لاءِ ملاقات...

وفاقي وزيرن عطاءُ الله تارڙ، مصدق ملڪ ۽ وجيهه قمر پاران مجاهد ارتضيٰ عباس شهيد جي گهر آمد

وفد جي ميمبرن ارتضيٰ عباس شهيد جي والد ليفٽيننٽ ڪرنل ظهير عباس سان ملاقات ڪئي ۽ ساڻس تعزيت جو اظهار ڪيو

ارتضيٰ عباس جي شهادت جي وقت سندس والد ليفٽيننٽ ڪرنل ظهير عباس لائين آف ڪنٽرول تي دشمن کي منهن ڏئي رهيو هو

شهيدن جي قربانين جي ڪري ئي هي ملڪ قائم آهي، شهيدن جا گهرڀاتي صبر ۽ حوصلي جي علامت آهن: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزيرن عطاءُ الله تارڙ مصدق ملڪ ۽ مملڪتي وزير وجيهه قمر ڪالهه خميس ڏينهن معرڪهِ حق جي نشان نئيڙي چمار واري مجاهد ارتضيٰ عباس شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ سندس گهر ويا. وفد جي ميمبرن ارتضيٰ عباس شهيد جي والد ليفٽيننٽ ڪرنل ظهير عباس سان ملاقات ڪئي ۽ ساڻس تعزيت جو اظهار ڪيو...

وزيراعظم پاران ملڪ جي غريب ۽ وچولي طبقي لاءِ ”وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم“ جي شروعات

عام ماڻهو کي ڇت فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي. هڪ ڪروڙ روپين تائين جو قرض آسان شرطن تي دستياب هوندو

پهرين سال ۾ 50 هزار گهرن جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، ايندڙ ڇئن سالن ۾ هدف 5 لک گهرن جو هوندو

پهرين 10 سالن لاءِ وياج جي شرح 5 سيڪڙو هوندي ۽ باقي 10 سالن لاءِ وياج جي شرح مارڪيٽ آڇ موجب هوندي

هڪ نوجوان ڊرائيور غلام حسين کي الله تعاليٰ پنهنجو گهر ٺاهڻ جو موقعو به ڏنو آهي ۽ ان کي قرض مليو آهي: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ جي غريب ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن لاءِ پنهنجي ڇت حاصل ڪرڻ لاءِ ”وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم“ جو باضابطه آغاز ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته وزيراعظم چيو آهي ته عام ماڻهو کي ڇت فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي...

سپر ٽيڪس ڪيس جي تفصيلي فيصلي ۾ سيڪشن فور سي آئيني قرار، هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم

سپر ٽيڪس هڪ ڌار ۽ خودمختيار ٽيڪس آهي جيڪو عام انڪم ٽيڪس کانسواءِ لاڳو ڪيو ويندو آهي: فيصلو

عدالت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي انهن فيصلن کي ڪالعدم قرار ڏنو جن ۾ سيڪشن فور سي کي چيلينج ڪيو ويو هو

فلاحي ادارا ۽ پينشن فنڊز تي سپر ٽيڪس کان ڇوٽ حاصل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل سرٽيفڪيٽس تصديق جا پابند هوندا

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت سپر ٽيڪس بابت تفصيلي فيصلو جاري ڪندي انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001ع جي سيڪشن فور سي تحت ٽيڪس لڳائڻ کي آئين جي مطابق قرار ڏئي ڇڏيو ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اهڙو فيصلن کي ڪالعدم ڪري ڇڏيو 293 صفحن تي ٻڌل فيصلو چيف جسٽس امين الدين خان طرفان...

مزدور ۽ هنرمند افرادي قوت ئي ملڪ جي اصل معاشي طاقت آهن: وزيراعظم

اهي ئي ٻاهرئين ملڪ اسان جي قابليت، محنت ۽ پيشيوارانه مهارت جا آئينه دار آهن

پاڪستان اڄ عالمي دنيا سان هڪ آواز ٿي مزدور ڏهاڙو انتهائي پرعزم انداز ۾ ملهائي رهيو آهي

اڄ ته رهون ڪريون ته وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتون گڏيل ۽ انفرادي سطح تي سمورا ماڻهو واپاري، صنعتڪار، مزدورن جي حقن جو تحفظ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان سميت سڄي دنيا جي پورهيتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته مزدور ۽ هنرمند افرادي قوت ئي اندرون ۽ ٻاهرئين ملڪ اسان جي قابليت، محنت ۽ پيشيوارانه مهارت جا آئينه دار آهن. پهرين مئي تي ملهائجندڙ مزدورن جي...

مستحق آهن. وزيراعظم چيو ته اسان بحيثيت قوم پاڪستاني مزدور جي عزم ۽ همت، مشڪلاتن کي برداشت ڪرڻ جي حوصلي ۽ زندگي جي سختين کي وقار سان منهن ڏيڻ جي مثالي جذبي جا شاهد آهيون. مزدور ۽ هنرمند افرادي قوت ئي اندرون ۽ ٻاهرئين ملڪ اسان جي قابليت، محنت...

صنعت ۽ واپار ۾ هنرمندي جي مخصوص ضرورتن ۽ جديد موجوده گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي آهي. ٻاهرئين ملڪ ويندڙ پاڪستانين جي لاءِ خاص طور تي عالمي معيار جي تربيت، زبانن تي عبور ۽ سرٽيفڪيشن کي يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن اسان جي...

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(EPADS ذريعي هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار)

ايس پي پي آر اي رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي رول 46(1) تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار مطابق اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي هيٺين ڪمن لاءِ سمورن اهل دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊرن/فرمن/پارٽين وغيره کان آڇون گهرائجن ٿيون:

شمار نمبر	شين جو تفصيل	تعداد	بڊ سيڪيورٽي رقم	کلڻ جي تاريخ
1	فوٽو ڪاپي مشين	3	106,313	20-05-2026
2	آءِ ڊي ڪارڊ پرنٽنگ مشين	1	249,345	20-05-2026
3	جنريٽر 100 KVA	2	384,750	20-05-2026
4	جنريٽر 50 KVA	2	283,500	20-05-2026
5	جنريٽر 5 KVA	3	68,850	20-05-2026
6	ايئر ڪنڊيشنر انورٽر (1.5 ٽن)	20	249,750	20-05-2026
7	ايئر ڪنڊيشنر انورٽر (2 ٽن)	10	203,850	20-05-2026
8	ڊرون ڪيمرا سان گڏ ڪومبو سيٽ ۽ لوازمات	1	125,000	20-05-2026
9	فوٽوگرافي ڪيمرا ۽ آڊيو رڪارڊر سان گڏ لوازمات	1	85,725	20-05-2026
10	سي سي ٽي وي ڪيمرا سان گڏ لوازمات	1	277,383	20-05-2026
11	25 هارس پاور ٻيڙي جي انجڻ	1	81,000	20-05-2026

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر جو شيڊول هيٺينءَ ريت هوندو:-

درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊرن جو جاري ٿيڻ	اشاعت جي تاريخ کان 20-05-2026 منجهند 01:00 وڳي تائين	اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ SSU هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ايڪسپو سينٽر جي ويجهو، ڪراچي
بولين جي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	20-05-2026 منجهند 02:30 وڳي تائين	صرف EPAD سسٽم ذريعي
ٽينڊر کولڻ جو وقت	20-05-2026 منجهند 03:00 وڳي	صرف EPAD سسٽم ذريعي

2. واڪ دستاويز EPADS ويب سائيٽ (portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. بڊ سيڪيورٽي رقم، جيڪا هر شيءِ لاءِ واضح ڪئي وئي آهي، لازمي طور تي پي آرڊر، بينڪ ڊرافٽ، يا سي ڊي آر (CDR) جي شڪل ۾ ڪنهن به شيڊول بينڪ مان AIGP/ سيڪيورٽي SSU جي حق ۾ جمع ڪرائڻي پوندي. هي سيڪيورٽي رقم ٽينڊر دستاويزن (مالي تجويز) سان گڏ شامل هجڻ گهرجي. عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر رد ڪيو ويندو.
4. سمورن دستاويزن جو هڪ ڪاپي سيٽ ۽ پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ/سي ڊي آر جي فوٽو ڪاپي (رقم ظاهر ڪرڻ کان سواءِ) آڇن جي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ ڪمانڊنٽ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) حسن اسڪوائر ڪراچي جي ويجهو آفيس ۾ جمع ڪرائڻ جو مشورو ڏنو وڃي ٿو.
5. هر هڪ شئي لاءِ ٽينڊر في 2000 روپيا روڪ (ناقابل واپسي) ۽ اصل بڊ سيڪيورٽي لازمي طور تي ٽينڊر کلڻ جي تاريخ کان اڳ ڪمانڊنٽ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) جي آفيس، هيڊ ڪوارٽر حسن اسڪوائر ڪراچي ۾ جمع ڪرائڻي پوندي. ٽينڊر کلڻ جو عمل پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ ڪنهن به دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/واڪ ڊينڊرن جي موجودگيءَ ۾ ڪيو ويندو.
6. صرف اليڪٽرانڪ آڇون لازمي طور تي صرف EPADS ذريعي جمع ڪرائڻيون پونديون: دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊرن کي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي EPAD سسٽم تي پاڻ کي رجسٽر ڪرڻ ضروري آهي.
7. جيڪڏهن ڪي به جعلي دستاويز مليا ته پوءِ ٽينڊر کي بغير ڪنهن معاوضي جي رد/منسوخ ڪيو ويندو ۽ قانون مطابق ڏنڊ وڌو ويندو.
8. ٽينڊرز جي سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي اثر رسوخ جي سختيءَ سان ممانعت آهي ۽ جيڪي ٺيڪيدار اثر رسوخ ۾ ملوث مليا، انهن جا ٽينڊر رد ڪيا ويندا.
9. پروڪيورمينٽ ايجنسي ايس پي پي آر آئي رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي رول 25 جي لاڳاپيل شقن تحت واڪ قبول ڪرڻ کان اڳ ڪنهن به وقت سڀ يا ڪنهن به آڇ/ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي.
10. سموريون آڇون کلڻ جي تاريخ کان 90 ڏينهن تائين ڪارآمد هونديون.

هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:

- i. شرطيا ۽ ٽيلي گرافڪ آڇون / ٽينڊرز.
- ii. اهي آڇون جن سان گڏ بڊ سيڪيورٽي يا گهربل رقم ۽ فارم شامل نه هجي.
- iii. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ مليل آڇون.
- iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جون آڇون.
- v. هٿ سان لکيل ٽينڊر ۽ اهي ٽينڊرجن تي مٿان لکت (overwriting) ٿيل هوندي، اهي قبول نه ڪيا ويندا / نااهل قرار ڏنا ويندا.
- vi. سرڪاري قاعدن / پاليسي جي خلاف شرطيا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

رابطي جا تفصيل: (فون: 021-99244642، فيڪس: 021-99243865)

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
سپرنٽنڊنٽ آف پوليس،
اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU)،
سنڌ پوليس، ڪراچي.

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT | INF/KRY/1696/2026

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
(ايليمينٽري سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري)
ٽنڊو الهيار

No. DEO(ES&HS)/TDR/977 — Dated. 29-04-2026

گريڊ 01 کان 04 تائين جي نان ٽيڪنيڪل خالي جاين تي مقرريءَ لاءِ اشتهار شايع ڪرڻ جي درخواست

ضلعي ٽنڊو الهيار جو ڊوميسائل رکندڙ اميدوارن کان ابتدائي ڀرتي/ملازمت لاءِ درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون. هيٺ ڄاڻايل خاليجاين (BS-01 کان BS-04) لاءِ، حڪومت سنڌ جي پاليسي ۽ ڪيبنيٽ جي فيصلي نمبر SOVI(SGA&CD)7(12)/2025 تاريخ 03 ڊسمبر 2025 ۽ نمبر SOV(SGA&CD)8-27/2019(Pt.iv) (Volume) تاريخ 03 ڊسمبر 2025، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ ڪراچي جي هدايتن مطابق، ۽ حڪومت سنڌ جي پاليسي تحت، جيئن ته صوبائي ڪيبنيٽ جي اجلاس ۾ 01 ڊسمبر 2025 تي ٿيل فيصلا (ايجنڊا آئٽم نمبر 25(a)) تاريخ 01/12/2025.

شمار نمبر	عهدي جو نالو ۽ گريڊ	جاين جو تعداد	عمر جي حد	ڊوميسائيل	قابليت
01	ڊرائيور (BPS-04)	03	28-18	ٽنڊو الهيار	1. صحيح LTV/HTV ڊرائيونگ لائسنس. 2. لاگ بڪ برقرار رکڻ ڄاڻندو هجي. 3. گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو
02	ليبارٽري اٽينڊنٽ (BPS-03)	13	28-18	ٽنڊو الهيار	ميٽرڪ سائنس گروپ سان.
03	نائب قاصد (BPS-01)	68	28-18	ٽنڊو الهيار	پڙهيل لکيل کي ترجيح.
04	چوڪيدار (BPS-01)	14	28-18	ٽنڊو الهيار	پڙهيل لکيل کي ترجيح.
05	مالهي (BPS-01)	02	28-18	ٽنڊو الهيار	پڙهيل لکيل کي ترجيح.
06	خاڪروب (BPS-01)	23	28-18	ٽنڊو الهيار	پڙهيل لکيل کي ترجيح.
07	نائب قاصد / چوڪيدار (BPS-01)	48	28-18	ٽنڊو الهيار	پڙهيل لکيل کي ترجيح.

شرط ۽ ضابطا / عام هدايتون:

1. اميدوار پنهنجي درخواست فارميٽ موجب، ٻن پاسپورٽ سائيز تصويرن، CNIC جي تصديق ٿيل نقل، ڊوميسائيل، PRC، تعليمي ۽ تجربي جي سرٽيفڪيٽن سان گڏ ڪوريئر ذريعي يا ذاتي طور تي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري) ٽنڊو الهيار جي آفيس ۾ جمع ڪرائين.
2. آن لائن درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر آهي.
3. ڪوٽا: 15% عورتن، 05% اقليتون ۽ 05% معذورن لاءِ مخصوص آهي.
4. جيڪي اميدوار اڳ ئي سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهن، اهي کاتي جي اين او سي (NOC) سان درخواست ڏين.
5. ٻهراڙي 60% ۽ شهري 40% ڪوٽا حڪومتي پاليسي موجب برقرار رکي ويندي.
6. عمر جي مٿين حد ۾ 05 سالن جي عام رعايت حڪومت سنڌ جي پاليسي موجب ڏني ويندي.
7. اميدوار جو ٽنڊو الهيار جو ڊوميسائيل ۽ PRC هجڻ لازمي آهي، جيڪو فائنل تصور ڪيو ويندو.
8. اڻپوريون درخواستون قبول نه ڪيون وينديون.
9. اهي جايون مڪمل طور تي عارضي بنيادن تي آهن پر پروبيشن جو عرصو ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مستقل ڪيون وينديون.
10. مجاز اٿارٽي کي حق حاصل آهي ته ڀرتي جو عمل ڪنهن به اسٽيج تي تبديل، ختم يا ملتوي ڪري سگهي ٿي.
11. صرف شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي ٽيسٽ/انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
12. ڪو به TA/DA نه ڏنو ويندو.
13. ڀرتيون مڪمل طور تي ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي ڪيون وينديون.

	Please paste recent two passport size photograph
Name of Post	
CNIC Number of Applicant	
Name of Applicant	
Father /Husband Name	
Date of Birth	
Educational Qualification	
Experience	
Domicile of District	
Postal Address	
Cell / Contact Number	

Signature of Applicant
Dated

(رفيق احمد جتوئي)
ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
ٽنڊو الهيار

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT | INF/KRY/1688/2026

بقايا 1 سپرير ليڊر

ڪا بہ جاءِ ناهي، ناروي ۽ آبي گذرگاهن جو تحفظ يقيني بڻايو ويندو آبي رستن تي دشمن جي رنڊڪن جو خاتمو ڪيو ويندو. آبناءِ هرمز جي ٿيڻ نظر سان امن، ترقي ۽ معاشي فائدا حاصل ٿيندا...

سفارتي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته خطي ۾ امن لاءِ پاڪستان جون ڪوششون قدر جوڳيون آهن. وفاقي وزير ايراني سفير جي خيالن جي آجيان ڪندي خطي ۾ امن لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 9 ملهائڻ جا امڪان

فلڪيات جي ماهرن موجب ٿئون چنڊ چنڇر ۽ آچر 16 ۽ 17 مئي 2026ع جي وچ واري رات پاڪستاني وقت موجب هڪ لڳي هڪ منٽ تي پيدا ٿيندو...

بقايا 10 ڦرجيل سيمن

بقايا 11 ٻوڙ وزير

بقايا 2 پابندي لاڳو

بقايا 3 اجازت ڏئي ڇڏي

بقايا 4

بقايا 5 مهم شروع ڪرڻ

بقايا 6 جلسا منعقد

بقايا 7 سيڪيورٽي ۾ واڌ

بقايا 8 لاڳاپن تي ڳالهيون

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن تي حڪمرانن جي توجه ڇو ناهي؟
صفحو 4

محمود شام
ايران ۽ نار جي رياستن ۾ ڳالهيون ڇو نه؟
صفحو 4

پهرين مئي: جدوجهد ۽ مزدورن جي حقن جو ڏينهن!
غلام مصطفيٰ ڏاهري
صفحو 4

فقير حاجن نظاماڻي
ساڻر صحت سپرين، آهي نه آزار
صفحو 4

ميرپورخاص ۾ نجي نرسنگ انسٽيٽيوٽ جي شاگردن جو امتحان ۾ نه ويهارڻ تي انتظاميا خلاف احتجاج

نجي نرسنگ انسٽيٽيوٽ جي شاگردن عبدالعليم، ذيشان لغاري، وڪرم ديو ۽ ٻين انتظاميه جي ظلم خلاف دانهيو

انسٽيٽيوٽ ۾ پڙهندڙ 11 شاگرد سيمسٽر جي فيس في شاگرد 80 هزار روپيا انسٽيٽيوٽ ۾ جمع ڪرائي چڪا هئا: مظاهرين

انتظاميا اها فيس ۽ فارم لمس يونيورسٽي ۾ جمع نه ڪرائي، جنهن ڪري کين امتحان ۾ ويهڻ لاءِ سلپون جاري ناهن ٿي سگهيون

ميرپورخاص: نجي نرسنگ انسٽيٽيوٽ جي شاگردن جو امتحان ۾ نه ويهارڻ تي انتظاميا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ نجي نرسنگ انسٽيٽيوٽ جي شاگردن جو امتحان ۾ نه ويهارڻ تي انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو. ميرپورخاص جي هڪ نجي نرسنگ انسٽيٽيوٽ جي شاگردن عبدالعليم، ذيشان لغاري، وڪرم ديو ۽ ڪاشف پنهور جي اڳواڻيءَ ۾ انسٽيٽيوٽ توڙي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي هنن چيو ته انسٽيٽيوٽ ۾ پڙهندڙ 11 شاگرد سيمسٽر جي فيس في شاگرد 80 هزار روپيا انسٽيٽيوٽ ۾ جمع ڪرائي چڪا هئا، پر انتظاميا اها فيس ۽ فارم لمس يونيورسٽي ۾ جمع نه ڪرائي، جنهن ڪري کين امتحان ۾ ويهڻ لاءِ سلپون جاري ناهن ٿي سگهيون هنن چيو ته هنن انسٽيٽيوٽ انتظاميه کي اهڙي شڪايت ڪئي ته انتظاميه کين چيو ته هو لمس يونيورسٽي وڃن جتي کين سلپون ملنديون ۽ بعد ۾ پيپر ورتا ويندا. شاگردن چيو ته هو جڏهن لمس يونيورسٽي پهتا ته اتان جي انتظاميا کين چيو ته اداري تي 30 لک روپين جون رقمون آهن اهي جمع ناهن ڪرايون ويون شاگردن چيو ته هنن پنهنجون فيون جمع ڪرائي ڇڏيون آهن جيڪڏهن انسٽيٽيوٽ انتظاميا اهي جمع ناهن ڪرايون ته سندن ان ۾ ڪو ڏوهه ناهي هنن چيو ته شڪايتون ۽ احتجاج ڪرڻ تي هاڻ انسٽيٽيوٽ انتظاميا کين ڌمڪيون ڏئي رهي آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير پي ايم ڊي سي ۽ ٻين اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته انسٽيٽيوٽ انتظاميا خلاف جاچ ڪرائي کين امتحان ۾ ويهارڻ لاءِ سلپون جاري ڪيون وڃن

عثمان شاهه هڙي؛ اي سي جي شهرين ۽ دڪاندارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

عثمان شاهه هڙي ۾ اي سي جي شهرين ۽ دڪاندارن سان گڏجاڻي

دڪاندارن کي گهرجي ته ڊبل روڊ تعمير جي لاءِ مڪمل تعاون ڪن: اي سي

مهانگائي جي صورتحال ۾ روزمره شين جي اگهن تي ڪنٽرول رکيو وڃي

عثمان شاهه هڙي(ر) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نورمصطفيٰ لغاري جي هدايتن تي شهر عثمان شاهه هڙي جي يوسي آفيس ۾ شهري دڪاندارن سان اهم گڏجاڻي اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊومري شهزادو عمير جروار جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ سمورن شهري عثمان شاهه هڙي جي واپارين دڪاندارن کي گهرجي شهر ۾ نئين تعميري ڊبل روڊ جي تعمير جي حوالي اوهان جي تعاون جو ڪاوشون آهن وري تعمير ڪمن جي عملي سان تعاون ڪن شهرين ۽ اينڊ وينڊ مسافرن کي ڏشواري پيش نه اچي ۽ ملڪ ۾ اڄ ڏينهن تيل جي قيمتن ۾ واڌ سبب مهانگائي وڌي رهي آهي ان واپارين ۽ دڪاندارن کي گهرجي ته هو روز مره ڪاڌي پيتي جي شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪن حڪومت سنڌ جون اهي ڪوششون آهن جيئن غريب طبقي کي ريلف ملي سگهي گڏجاڻي ۾ تعلقه مختيارڪار جهنڊومري غلام شبير ميرجت، دڪاندار تنظيم جي اڳواڻن مصطفيٰ مغل، سيٺ انور عاقلاڻي ميرزاهد بلوچ، حاجي پيرمحمد بلوچ، غلام قادر بلوچ حاجي نظير هالو بيا موجود هئا

انجمن تاجران سٽي ۽ ضلع سجاول پاران ايس ايس پي ۽ واپارين جي مان ۾ آجياڻي جو اهتمام

منشيات صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي، جنهن سبب خطرناڪ بيماريون جنم وٺن ٿيون: ايس ايس پي عليته راڄپر

ضلعي ۾ منشيات خاص ڪري آئيس خلاف سخت ڪارروايون جاري آهن، پوليس ضلعي کي هر قسم جي برائين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

هي اتحاد صرف واپارين جي لاءِ نه پر ضلعي سجاول جي هر هڪ ماڻهو لاءِ آهي اسان ضلعي سجاول جي ان ماڻهو سان گڏ آهيون: واپاري اڳواڻ

سجاول: مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ ايس ايس پي عليته راڄپر ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندي

سجاول(ر) انجمن تاجران سٽي ۽ ضلع سجاول پاران ايس ايس پي سجاول ۽ ضلع جي واپارين جي مان ۾ هڪ پروگرام تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي انتظاميه ۽ پوليس جي اعليٰ عملدارن مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ايس ايس پي سجاول عليته راڄپر اي ڊي سي ٽو پيرل چانڊيو ۽ ڊي ايس پي سجاول سرفراز منگي سميت ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ننڍڙي عمر فاروق ڪئي نعت پيش ڪئي تقريب کي انجمن تاجران ضلع سجاول جي صدر حافظ رياض ميمڻ سٽي صدر حاجي اسلم ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته سندن بابدي کي قائم ٿئي صرف اڌ مهينا ٿيا آهن پر ان عرصي دوران واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ اهم اڳڀرائي حاصل ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته ضلعي جي واپارين کي منظم ڪرڻ سندن وڏي ڪاميابي آهي ۽ پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ واڌ خلاف ضلعي سطح تي ڪامياب هڙتال ڪرائي وئي اسان جو هي اتحاد صرف واپارين جي لاءِ نه پر ضلعي سجاول جي هر هڪ ماڻهو لاءِ آهي اسان ضلعي سجاول جي ان ماڻهو سان گڏ آهيون جنهن سان ڪا بي واجبي ٿئي ٿي اهو اسان وٽ اچي اسان هر ممڪن ڪوشش ڪري ان جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين اسان صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي ڪوشش سان ٻڌراج سوري کان ڊي سي آفيس ،سجاول ٽائين ڊبل روڊ تعمير ڪرائي ڏيڻ تي ڏيئي ڪمشنر سجاول زاهد علي حسين رند جن کي سلام پيش ڪريون ٿا جنهن پنهنجي نگرانيءَ ۾ بهترين مٽيريل سان روڊ جي تعميرات کي مڪمل ڪرايو صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي ان ڪوشش جي ساراهه ڪريون ٿا هن سنڌ اسيمبلي ۾ سجاول ۾ NICVD هاسپيٽل جي قيام ۽ سجاول شهر ۾ يونيورسٽي ڪئمپس جي قيام لاءِ مطالبو ڪيو ٿا اسان سجاول جي چونڊيل ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي جي ان ڪوشش کي ساراهيون ٿا ان بنياد ڳالهير جي بجلي جي چوويهه ڪلاڪ فراهمي جي فيڊر کي شروع ڪرايو آهي ۽ گڏوگڏ ڪاڻس اهو مطالبو ڪريون ٿا ته سجاول ۾ به چوويهه ڪلاڪ بجلي جي فراهمي واري فيڊر کي شروع ڪرايو وڃي تقريب کي خطاب ڪندي ايس ايس پي سجاول عليته راڄپر چيو ته انجمن تاجران طرفان ڏنل مان تي هو شڪرگذار آهن. هنن چيو ته ضلعي ۾ منشيات خاص ڪري آئيس خلاف سخت ڪارروايون جاري آهن ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گرفتارين عمل ۾ آنديون ويون آهن. هنن وڌيڪ چيو ته منشيات صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي، جنهن سبب خطرناڪ بيماريون جنم وٺن ٿيون ايس ايس پي واپارين تي زور ڏنو ته هو منشيات ۽ ڏوهن خلاف پوليس سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ ڏوهارين جو سماجي بائيڪاٽ ڪن. هنن چيو ته چوري ۽ ٻين ڏوهن جي واقعن ۾ رڪاوٽ جي يقيني بڻائڻ لاءِ به ڪوششون جاري آهن ۽ پوليس ضلعي کي هر قسم جي برائين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي تقريب کي سينئر نائب صدر نظام ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري غلام رسول زئور حاجي خان جلالاڻي عبدالغفور ميمڻ نظام ميمڻ حافظ فضل الله فياض حاجي ابوبڪر ميمڻ سميت ٻين خطاب ڪيو تقريب ۾ واپاري اڳواڻ حاجي محمد ميمڻ يعقوب پوڙهو ميمڻ حاجي اڪبر ميمڻ حاجي اويس ميمڻ سجاول بار ايسوسيئيشن جو صدر قادر خاصخيلي وائيٽا ليبر يونين سجاول چيئرمين شير زمان سهتو اشفاق ميمڻ شڪيل ڪتي خالد جوڻيجو صديق نوراڻي بسنت ڪمار محمد عمر ميمڻ محمد عثمان ڪتي عبدالجبار عاجز صحافين قاسم رنگريز نديم شهزاد ڪتي ڪامران علي ڪتي نديم ميمڻ رياض ميمڻ عبدالستار ڪٻري امين چانگ شهباز ميمڻ سميت شهرين واپارين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مٽياري لڳ اغوا بعد بدفعلي ڪري قتل ڪيل ٽينگر فياض ساند جي سوين آلين اکين سان تدفين

اٺ ورهين جي ٽينگر فياض ساند پٽ اياز جي جنازي نماز سنڌس اباڻي ڳوٺ الهڏنو ساند ۾ ادا ڪئي وئي

وارث هنجون هاريندا رهيا امڙ کي ٻيهوشي جا دورا پئجي ويا، پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ڊاڪٽر پاران بدفعلي ٿيڻ جو شڪ ظاهر

جوابدار محمد ساند شاهپوردرپور ٿاڻي تي لاڪپ ٿيل آهي، اڃا وارث ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ناهن پهتا: پوليس

مٽياري(ر) مٽياري پرسان اسڪول کان گهر ويندي اغوا بعد بدفعلي ڪري قتل ڪيل 8 ورهين جي ٽينگر فياض ساند پٽ اياز جي جنازي نماز سنڌس اباڻي ڳوٺ الهڏنو ساند ۾ ادا ڪئي وئي جتي وارث هنجون هاريندا رهيا سنڌس امڙ کي ٻيهوشي جا دورا پئجي ويا، فياض ساند جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ڊاڪٽر پاران بدفعلي ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪيو آهي قتل جو ڪيس اڃا ٿائين شاهپوردرپور ٿاڻي تي داخل ناهي ٿي سگهيو نشي ۾ ڌت محمد ساند ٻارڙي کي شئي وٺي ڏيڻ بهاني سنڌس گهر وٺي وڃي ڪمري ۾ بند ڪري ڪيس حوس جو نشانو بڻايو جنهن بعد ڪيس گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ بعد سنڌس لاش کي گهر اندر پيل بسترن جي وڏي پيٽي پوري ڇڏيو هو وارثن پاران ڳولها ڪرڻ بعد شڪ جي بنياد تي محمد ساند جي گهر جي تلاشي ورتي وئي جنهن بعد لاش هٿ ڪيو ويو. جيڪو مٽياري اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي، پوليس موجب اڃا وارث ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ناهن پهتا، جڏهن ته وارثن پاران محمد ساند کي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي جيڪو شاهپوردرپور ٿاڻي تي لاڪپ ٿيل آهي

چوهڙجمالي پوڻا محلا جي رهواسي خاصخيلي برادري جو مظاهرو

نوجوان مبينا اغوا ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بلاڪ ڪيو ويو

اسان جي نوجوان کي لاڪاٽيا برادري جي وڏيري اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي پوڻا محلا جي رهواسي خاصخيلي برادري جو نوجوان مبينا اغوا ٿيڻ خلاف احتجاج روڊ بلاڪ پوڻا محلا جي رهواسي خاصخيلي برادري جو نوجوان معشوق ولد جڙيو خاصخيلي ٻن ڏينهن کان مبينا گم ٿيڻ خلاف خاصخيلي برادري جي مردن ۽ عورتن چوهڙجمالي ۾ شاهبندر چوڪ تي ٽائرن کي باهه ڏئي روڊ تي رڪاوٽون رکي احتجاج ڪيو ويو روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون احتجاج ڪندڙ الزام هنيو ته اسان جي نوجوان کي لاڪاٽيا برادري جي وڏيري اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي. پوليس وٽ ڏانهن ڪئي وياسين ته پوليس ڪيس وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو مجبور ٿي احتجاج ڪيو آهي جڏهن ته لاڪاٽيا برادري جي وڏيري غلام قادر لاڪاٽيا سان رابطو ڪيو ويو ته هن الزام کي رد ڪندي چيو آهي ته اسان جو ان معاملي سان ڪوبه واسطو ناهي اسان تي ڪوڙو الزام هنيو ويو آهي هنن موقف اختيار ڪيو ته اسان جو نوجوان ظاهر ڪيو وڃي. پوليس خاصخيلي برادري جي نيڪ مرد ۽ ايس ٽي پي جي اڳواڻ عبدالواحد خاصخيلي سان ڳالهيون ڪري کين يقين ڏياريو ته جلد معاملي جي جاچ ڪري موبائيل سي ڊي آر ڪڍائي مسئلو حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو جنهن ڪانپوءِ روڊ تان رڪاوٽون هٽائي احتجاج ختم ڪيو ويو

چوهڙجمالي: پوڻا محلا جي خاصخيلي برادري نوجوان مبينا اغوا خلاف هنيل احتجاجي ڌرڻو جو ڏيک

حيدرآباد مان هفتو اڳ مبينا طور گهر مان اغوا ٿيل ٽينگري بازياب نه ٿي، وارثن جو احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد مان هفتو اڳ مبينا طور گهر مان هٿيارن جي زور اغوا ٿي ويل 13ورهين جي ٽينگري بازياب نه ٿي،امڙ جو گهر پاتين سوڙو احتجاج.حيدرآباد جي علي آباد ڪالوني جي رهواسڻ فرزانا زال نذير لغاري ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مبينا اغوا ٿي ويل 13ورهين جي ڌي ماروي جي بازيابي لاءِ گهرياتين سوڙو احتجاجي مظاهرو ڪيو، ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته 23 اپريل2026تي جوابدار آصف محمود عرف ماسٽر آصف ميمڻ بن موٽرسائيڪلن تي سوار 5کان 6اڻسڃاتل هٿياربند سائين سان گڏ منهنجي گهر تي چڙهائي ڪري منهنجي 13ورهين جي معصوم ڌي ماروي کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويو جنهن واقعي خلاف حد جي ٿاڻي هٽڙي تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرايو

ڏڙي لڳ ابڙال، لاٽڪپور، ٻڌون ۽ حسين پور جي مختلف ڳوٺن ڏانهن اينڊڙ روڊ ۽ ٻليون زبون

عوام پيئڻ جي پاڻي سميت صحت جي سمورين بنيادي سهولتن کان محروم، ڳوٺاڻن طرفان احتجاج

رهواسي پيئڻ جي صاف پاڻي بجلي، تعليم ۽ صحت جي سمورين بنيادي سهولتن کان محروم آهن: مظاهرين

روڊ ٽٽل هئڻ سبب رهواسين کي آمدرفت ۾ سخت ڏکيايون پيش اچي رهيون آهن، مرمت ڪرائي رليف ڏنو وڃي

ڏڙو: ابڙال لاٽڪپور جي ڳوٺن جا روڊ تباهه نظر اينئي ٻئي طرف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

ڏڙو (ن ع) ڏڙي لڳ لاٽڪپور ابڙال جهوڪ شريف، ٻڌون ۽ حسين پور جي مختلف ڳوٺن جا هزارين رهواسي هن جديد دؤر زماني ۾ مختلف بنيادي سهولتن کان محروم آهن ڳوٺ قاسم جاکرو ڳوٺ حاجي اسماعيل دريس، ڳوٺ بدو ملاح ڳوٺ لونگ کنڊرل ڳوٺ، رتو لاشاري، ڳوٺ بدو سومرو ڳوٺ بابو لاشاري، ڳوٺ پير محمد پنهور سميت 20 کان مٿي ڳوٺن ڏانهن اينڊڙ وينڊڙ روڊ رستا مرمت نه ٿيڻ ڪري اڪثر تباهه ٿي ويا آهن رهواسي پيئڻ جي صاف پاڻي بجلي تعليم ۽ صحت جي سمورين بنيادي سهولتن کان محروم آهن روڊ ٽٽل هئڻ سبب رهواسين کي آمدرفت ۾ سخت ڏکيايون پيش اچي رهيون آهن. ڏڙي- ريجهو مختلف- ڳوٺن- ڏانهن- اينڊڙ وينڊڙ روڊ رستا ۽ ٽٽل پل مرمت نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن عزيز الله جاکرو گل محمد شورو وڏيرو ڏولفيو سومرو خان سومرو قاسم جاکرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪيترائي ڳوٺ اڄ به بجلي پيئڻ جي پاڻي ۽ صحت سميت سمورين بنيادي سهولتن کان محروم آهن هنن چيو ته ڳوٺن طرف اينڊڙ وينڊڙ روڊ رستا- زبون- ٻڌيل- آهن- لاٽڪپور ايڪس علي بحر واهه مٿان اڏيل پل ٽٽڻ ڪري وڏين گاڏين جي آمدرفت معطل آهي جنهن ڪري فصل مارڪيٽ تائين پهچڻ توڙي مريضن کي اسپتال تائين پهچڻ لاءِ پريشان آهيون. شاهه واهه جي ڪانٽي نه ٿيڻ ڪري پوڇڙ ۾ پاڻي ڪون ٿو پهچي ان جي ڪري فصلن کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو آهي ۽ مهانگائي جي دور ۾ مناسب ايوريج نه ڪڻي سگهندا آهيون هنن حڪومت سنڌ ۽ حلقي جي چونڊيل نمائيندن کان مطالبو ڪيو ته مختلف ڳوٺن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري روڊ رستن ۽ ٽٽل پل جي مرمت ڪرائي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقي ڪوٽ ڏيجي نارا ۽ ٺري ميرواهه جي چونڊ

خيرپور(ر) ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقي ڪوٽ ڏيجي نارا ۽ ٺري ميرواهه جي چونڊ ريجنل يونين آف جرنلسٽ ضلعي خيرپور جي صدر عبدالمجيد پنهور جي نگرانيءَ ۾ ٿي ڳڏري جنهن ۾ تعلقي ڪوٽ ڏيجي جي لاءِ سرپرست اعليٰ شاهد حسين سومرو،صدر حسن رضا پنهور نائب صدر عدنان لنڊ،جنرل سيڪريٽري عرفان علي چانڊيو جوائنٽ سيڪريٽري ساگر بشير پنهور سيڪريٽري اطلاعات ڪاظم علي اڄڻ ،خزانچي حسن لاشاري جڏهن ته ورڪنگ ڪاميٽي لاءِ شبير سومرو ڏاڪا الله ڪانڌڙو مولا ڏنو ٻگهئي خليل ڪٽوهر ۽ نصير برڙو کي مقرر ڪيو ويو جڏهن ته تعلقي نارا لاءِ صدر نياز حسين پنهور ۽ جنرل سيڪريٽري مور حسين پنهور مقرر ڪيا ويا جڏهن ته ٺري ميرواهه لاءِ سرپرست اعليٰ گلاب علي سهتو،صدر وسيم سجاد منهاس، سينئر نائب صدر ارشاد ڦل نائب صدر زوار حسين لغاري، جنرل سيڪريٽري سجاد حسين چانڊيو جوائنٽ سيڪريٽري طارق حسين راڄپر،سيڪريٽري اطلاعات اظهر حسين سهتو جڏهن ته ورڪنگ ڪميٽيءَ لاءِ منور حسين ويس،عابد حسين شر آصف علي شر ۽ظفر علي ملاح چونڊيا ويا. جڏهن ته صوبيدڏيرو تعلقي لاءِ سرپرست اعليٰ وسيم الرحمان مغل کي منتخب ڪيو ويو جڏهن آخرِ ۾ چونڊيل عهديدارن کي گلن جا هار پارايا ويا ۽ مٺائي تقسيم ڪئي وئي ان موقعي تي ضلعي صدر عبدالمجيد پنهور پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ريجنل يونين آف جرنلسٽ تنظيم صحافين جي تنظيم آهي ۽ صحافين جي حقن لاءِ ٻاڻ پتوريندي جتي صحافين سان ظلم ٿيندو اتي ريجنل يونين آف جرنلسٽ اڳي اڳي هوندي

ملڪ ۾ خميس تي پيڪ ٽائيم ۾ ڪا به لوڊ مينيجمنٽ نه ٿي: پاور ڊويزن جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاور ڊويزن جي ترجمان چيو آهي ته خميس تي پيڪ ٽائيم ۾ ڪابه لوڊ مينيجمينٽ نه ٿي آهي ملڪ ۾ وڌيڪ نقصان وارن فيڊرن تي اڪنامڪ لوڊ مينيجمنٽ پاليسي تحت جاري آهي اڪنامڪ لوڊ مينيجمنٽ جو پيڪ آورز ۾ لوڊ مينيجمنٽ سان ڪو به تعلق نه آهي 29 اپريل جي رات پيڪ وقت ۾ بجلي جي صورتحال جي حوالي سان جاري ڪيل بيان ۾ ترجمان چيو آهي ته ڪل پن بجلي جي پيداوار 6 هزار ميگا واٽ رهي جڏهن ملڪ ۾ پن بجلي جي ڪل ڪارڪردگي 11500 ميگا واٽ آهي

ڪوٽڙي ڪبير يوسي ۾ هڪ سال کان سيڪريٽري جي سيٽ خالي پيل

يوسي جي سوين ماڻهن جو ڪم رولڙي جو شڪار عوام جون ميڊيا آڏو روڄارو دانهون

ڪوٽڙي ڪبير (ن ع) يوسي ڪوٽڙي ڪبير ۾ هڪ سال کان سيڪريٽري جي سيٽ خالي پيل، سوين ماڻهن جو ڪم رولڙي جو شڪار عوام جون ميڊيا آڏو روڄارو دانهون، سيڪريٽري مقرر ڪري مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو، تفصيل موجب يوسي چيئرمين جي نااهل ۽ اقرباپروري سبب يوسي ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ گذريل 12 مهينن کان سيڪريٽري جي سيٽ خالي پيل آهي، جنهن سبب ڪري سوين ماڻهن جا جائز ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا آهن. جڏهن ته فارمن جا سيڪريٽري جي ٽيبل تي ڪوڙا ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ شهري اتحاد جي صدر مولابخش ٿيبو ايڊوڪيٽ شعبان ڪمبوهه وڏيرو ضمير حسين نانگراج ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته يوسي سيڪريٽري مقرر نه ٿيڻ سبب گذريل 12 مهينن کان عوام روڄارو ڪرايا پاڙا پري قيمتي ٽائيم ڪڍي آفيس ۾ ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن ڪيترائي ڀيرا ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ۽ يوسي چيئرمين حاجي ارشاد سهتو کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان جي باوجود هن وقت تائين ڪوبه سيڪريٽري مقرر نه ٿي سگهيو آهي مولابخش ٿيبو وڌيڪ ٻڌايو ته مان يوسي چيئرمين کي چيو ته مونکي اين او سي ڏيو ته مان سيڪريٽري جو آرڊر ڪرايان ٿو

ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ جي حڪمن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري

لاڙڪاڻو (اي پي پي) ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ حسن سردار احمد خان نيازي جي حڪمن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي قتل جي ڪوشش جهڙي سنگين ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او بهرام ٿاڻو انسپيڪٽر غلام سرور گونڊل عملي سميت گشت دوران ميرڻ واهه وٽ ڪارروائي ڪندي ٿاڻي بهرام جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار محرم علي مگسيءَ کي گرفتار ڪري ورتو آهي ياد رهي ته گرفتار جوابدار 21-04-2026 تي پرمي سر شاخ پرسان پراڻي دشمني تان فائرنگ ڪري ٻن ڄڻن محمد خان مگسي ۽ علي اڪبر مگسيءَ کي زخمي ڪيو هو ان واقعي جو ڪيس بهرام ٿاڻي تي جوابدارن خلاف داخل ٿيل آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

ملڪ جي مختلف آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي وهڪري بابت انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي هيٺاهين ۽ مٿاهين وهڪري بابت انگ اکر جاري ڪيا آهن تفصيل موجب سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 40 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو45 هزار رهيو ڪابل دريا ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون ۽ هيٺاهون وهڪرو ترتيبوار 32 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو خير آباد پل جي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 69 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 69 هزار 800 ڪيوسڪ جهلم دريا ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 41 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو40 هزار ڪيوسڪ ، چناب ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 25 هزار 200 ۽ ڇوڙ 17 هزار 400ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جي گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ ، پاڻي جي موجوده سطح 1463.78 فٽ ۽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ جڏهن ته استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.463 ملين ايڪڙ رهيو منگلا ڊيم ۾ پاڻي جي آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1161.40 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.184 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو اهڙي ريت چشمه ڊيم جي گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ پاڻي جي موجوده سطح 648.20 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.269 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪوئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ
پنيان رومي قبرستان، نزد گرڊ اسٽيشن، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT)

No. XEN/PDM&I/CELL/CTA&AD/NIT-M&R/2025-26/320 Dated: 29th April, 2026

PDM&I سيل SPPRA رولز 2010 (اڄ ٽائين ترميم ٿيل) جي قاعدي (2)46 تحت بيان ڪيل هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت اي-پاڪ ايڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم E-PADS ذريعي هيٺين ڪمن جي پروڪيورمينٽ لاءِ سيني خواهشمند ٺيڪيدارن/فرمن کان معياري واڪ دستاويز فارمن تي اي-آڇون گهرائي ٿو.

شمار نمبر	ڪم جو اسڪوپ	لاڳت (ملين ۾)	5% بڊ سيڪيورٽي (ملين ۾)	لازمي PECڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊس	تڪميل جو مدو
1	سنڌ گورنمينٽ لائبريري ۽ ڪلچرل ڪامپليڪس ميرپورخاص جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	20.000	1.000	C6 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
2	سچل سرمست ڪامپليڪس درازا شريف جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	15.000	0.750	C6 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
3	شهيد بينظير پٽو ميوزيم ۽ اسسٽنٽ انجنيئر PDM&I-Cell لاڙڪاڻي جي آفيس جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	30.000	1.500	C5 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
4	سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	40.000	2.000	C5 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
5	مارئي ڪلچرل ڪامپليڪس ڀالوا جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	20.000	1.000	C6 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
6	مهران آرٽس ڪائونسل حيدرآباد جي مرمت ۽ مينٽيننس	40.000	2.000	C5 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
7	لعل شهباز گورنمينٽ لائبريري سيوهڻ شريف جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	20.000	1.000	C6 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا
8	ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ ڄامشورو جي مرمت ۽ تزئين و آرائش	30.000	1.500	C5 ۽ ان کان مٿي (CE-01, CE-09, CE-10, EE-02, EE-04)	03 مهينا

1. اهليت جو معيار (لازمي):

a) قابليت جا تفصيلي معيار/شرط واڪ دستاويزن سان منسلڪ/دستياب آهن.

b) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان ڪارآمد رجسٽريشن، انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN) سان ڪارآمد رجسٽريشن ۽ سنڌ روينيو بورڊ سرٽيفڪيٽ (SRB). (سڀ گهربل رجسٽريشن جتي/جيڪڏهن لاڳو هجي) لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ ۾. نيڪيدارن کي FBR ۽ SRB جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ تي سرگرم هجڻ گهرجي، جتي لاڳو هجي.

c) ساڳي نوعيت جي ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن (05) سالن جو تجربو.
واڪ ڏيندڙ کي گذريل پنجن (05) سالن ۾ سرڪاري شعبي ۾ مڪمل ڪيل گهٽ ۾ گهٽ ٽي (03) ڪم فراهم ڪرڻ گهرجن جيڪي ساڳي لاڳت ۽ نوعيت جا هجن، جن سان گڏ تسلي بخش تڪميل جو سرٽيفڪيٽ ۽ دستاويزي ثبوت (ورڪ آرڊرز / ڪانٽريڪٽ ايگريمينٽس ۽ پروجيڪٽ ڪمپليشن سرٽيفڪيٽ) شامل هجن.

d) گذريل پنجن (05) سالن دوران سراسري سالياني مالي ٽرن اوور اسڪيم/پروجيڪٽ جي برابر قيمت کان ڪنهن به صورت گهٽ نه هجڻ گهرجي. واڪ ڏيندڙ کي هيٺيان دستاويز فراهم ڪرڻا پوندا، يعني:
1. گذريل (05) پنجن سالن جون بينڪ اسٽيٽمينٽ.
2. گذريل (05) پنجن سالن جا سالياني ٽيڪس ريٽرنس.
3. بئنڪ سرٽيفڪيٽ براءِ ڪريڊٽ لائن / ڪلوزنگ بيلنس جيڪو تازي بئنڪ اسٽيٽمينٽ مطابق تخميني لاڳت جي 40 سيڪڙو جي برابر هجي.
4. رجسٽرڊ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ کان گذريل (05) پنجن سالن جون آڊٽ ٿيل فنانشل اسٽيٽمينٽ.(ICAP رجسٽرڊ آڊٽ فارم کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي)

e) مٿين ڪمن سان لاڳاپيل واڪ ڏيندڙ وٽ ملڪيتي/ڪرائي تي ورتل سامان، مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جي فهرست ساڻ دستاويزي ثبوت. جيئن ڪم جي اسڪوپ ۾ درج آهي

f) فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جو بايو ڊيٽا ساڻ تصديق شده CVs. فرم سان سول انجنيئرز جي ملازمت ساڳي هجڻ گهرجي جيڪا PEC لائسنس ۾ ظاهر ڪيل هجي.
1. سول انجنيئرنگ ۾ ٻه بيچلر ڊگري هولڊرز جن جو گهٽ ۾ گهٽ 05 سالن جو تجربو هجي.
2. DAE(لاڳاپيل شعبي ۾).
3. اليڪٽريڪل انجنيئر ساڻ 05 سالن جو تجربو.

g) ڪانٽريڪٽرن / فرمن / ڪمپنين جي سنڌ ۾ مستقل آفيس هجڻ ضروري آهي (دستاويزي ثبوت: رينٽ ايگريمينٽ، ملڪيت جا دستاويز، يا يوٽيليٽي بلز).

2. واڪ/ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ، کولڻ ۽ جمع ڪرائڻ):

خواهشمند واڪ ڏيندڙ SPPRA جي EPADS ويب سائيٽ (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) تان 01-05-2026 کان 18-05-2026 تائين واڪ ڏيندڙ دستاويزن تائين رسائي/ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. خواهشمند واڪ ڏيندڙن کي گذارش آهي ته اهي اي-بڊ جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فرم/ڪمپني کي SPPRA جي EPADS ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تي رجسٽر ڪرائين.

a) هر لحاظ کان مڪمل ٿيل ۽ مجاز شخص جي دستخط سان آڇون EPADS ذريعي 18-05-2026 تي منجهند جو 12:30 وڳي تائين جمع ڪرايون وڃن. آڇون ساڳي ڏينهن (18-05-2026 تي منجهند 01:00 وڳي) ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، پنيان رومي قبرستان، نزد گرڊ اسٽيشن، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي جي آفيس ۾ کوليون وينديون. دستي آڇ قبول نه ڪئي ويندي.

b) واڪ ڏيندڙن کي "ڊي ڊي او، PDM&I سيل، CTA&AD، حڪومت سنڌ" جي حق ۾ ڪال آن ڊپازٽ يا پي آرڊر يا ڊيمانڊ ڊرافٽ يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي جمع ڪرائڻ جي ضرورت آهي (جيڪو فرم / واڪ ڏيندڙ جي پنهنجي بينڪ اڪائونٽ مان ڊيبٽ ڪيو وڃي ۽ فرم جو نالو ۽ لقب صحيح طور تي ذڪر ڪيو وڃي).بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيس جي اسڪين ٿيل ڪاپي E-PAD سسٽم تي آن لائن جمع ڪرائڻي پوندي ۽ مٿي واضح طور ذڪر ڪيل جي مطابق ٽينڊر فيس -/3,000 روپين جو اصل دستاويز ۽ بڊ سيڪيورٽي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، پنيان رومي قبرستان، نزد گرڊ اسٽيشن، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي جي آفيس ۾ ٽينڊر کلڻ کان اڳ پهچڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي آڇ جو ڪارآمدي مدو/تاريخ کان 28 ڏينهن تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي. جيڪي واڪ ڏيندڙ بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيس اصل ۾ پروڪيورنگ ايجنسي کي بڊ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿيندا، انهن جون آڇون رد ڪيون وينديون. آڇ 90 ڏينهن جي مدت لاءِ ڪارآمد هجڻ گهرجي.

3. شرط ۽ ضابطا:

a) ٽينڊر / واڪ دستاويزن جي هر صفحي تي فرم / واڪ ڏيندڙ جي صحيح ۽ مهر هجڻ گهرجي. مشروط آڇ تي غور نه ڪيو ويندو.

b) اهليت جي معيار ۾ بڌايل / گهربل معاون دستاويزن کانسواءِ آيل آڇ کي "ادم جواب شده" قرار ڏنو ويندو. پروڪيورنگ ايجنسي فراهم ڪيل معلومات جي تصديق يا اصليت کي جانچڻ لاءِ ڪنهن به معلومات جي ڪراس تصديق جو حق محفوظ رکي ٿي.

c) -/100 روپين جي اسٽامپ پيپر تي حلفنامو ته فرم بليڪ لسٽ ٿيل ناهي / ڪنهن به قانوني ڪارروائي ۾ ملوث ناهي / ڪنهن به ڪاٽي ۾ ڪو به ڪم اڌ ۾ ناهي ڇڏيو ۽ فراهم ڪيل معلومات / دستاويز سچا ۽ درست آهن.

d) فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن/پروپرائيٽرن يا ٻين لاڳاپيل ماڻهن جا مڪمل تفصيل ساڻ پاور آف اٽارني ڏنا وڃن. سول پروپرائيٽر هجڻ جي صورت ۾ اسٽامپ پيپر تي اهڙو حلفنامو پيش ڪيو وڃي.

e) نمائندي جي صورت ۾، ان وٽ پنهنجي فرم/ڪمپني جي مالڪ طرفان اسٽامپ پيپر / ڪمپني ليٽر هيڊ تي اٿارٽي هجڻ گهرجي جنهن ۾ مالڪ جا تفصيل CNIC نمبر هجي.

f) موڪل يا ڪنهن به اٽرحالتن جي صورت ۾، آڇ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو شيڊول اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي هوندو. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شق تحت سمورين يا ڪا به آڇ رد ڪري سگهي ٿي ۽ واڪ جي عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

g) PTCL جو لينڊ لائن نمبر موجود نه هجڻ ڪري، وڌيڪ مدد لاءِ مهرباني ڪري آفيس جي ڪلاڪن دوران ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي سيل نمبر 0316-0344499 تي رابطو ڪيو وڃي.

INF-KRY/1677/26

ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، CTA&AD
حڪومت سنڌ

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

فون نمبر: 70-99244761 فيڪس نمبر: 99244766
اي ميل: info@mda.gos.pk
هيڊ آفيس: G-4/B، بلاڪ-17، گلشن اقبال، ڪراچي

No. MDA/MPD/DCH/579/26/157 Karachi, dated: 30-04-2026

عام اطلاع

عنوان: تجويز ڪيل ڪمرشل لي آئوٽ پلان جي منظوري، زمين بابت جيڪا ماپ 20-02 ايڪڙ -گهنٽا (12100 اسڪوائر يارڊس) آهي، سروي نمبر 262، ديهه ڪڙڪڙو، تعلقه مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي.

عوام الناس کي آگاهي ڏني ٿي وڃي ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_I، ضلعو ملير، ڪراچي زمين جي ملڪيت جي تصديق ڪري، جيڪا 20-02ايڪڙ _گهنٽا (12100 اسڪوائر يارڊس) سروي نمبر 262، ديهه ڪڙڪڙو، سب ڊويزن مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي ۾ واقع آهي، ڊائريڪٽر جنرل ايم ڊي اي ڏانهن عاطف اقبال ولد اقبال احمد جي حق ۾ موڪلي آهي، جنهن جو سڃاڻپ ڪارڊ نمبر 5-6331893-42201 آهي ۽ رهائش هائوس نمبر B-42، ڪي ڊي اي اسڪيم_1، ڪراچي آهي. هي ڪارروائي سنڌس ليٽر نمبر DC/Malir/K/Rev.Br/825/2026 بتاريخ 23-04-2026 تحت ڪئي وئي آهي، گڏوگڏ مختيارڪار، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي جي ليٽر نمبر Mukh/M.M/Malir/685/2026 بتاريخ 23-04-2026 ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر، سب ڊويزن مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي جي ليٽر نمبر AC/M.M/Malir/K/295/2026 بتاريخ 23-04-2026 ذريعي باقاعدي اڳتي موڪلي وئي آهي، جيڪا صرف پلاننگ نقط نظر کان لي آئوٽ پلان جي منظوريءَ لاءِ پيش ڪئي وئي آهي.

ان سلسلي ۾ عام اطلاعي نوٽيس ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) ايڪٽ 94-1993، (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ 2013 ۽ KBTPR-2002 (اڄ تائين ترميم ٿيل) ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2015 جي شق نمبر 2-15.5 جي روشنيءَ ۾ شايع ڪيو وڃي ٿو. ته ڪو به لاڳاپيل شخص/ادارو جيڪو به اعتراض رکي ٿو، پنهنجو اعتراض سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل، MDA، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ ۽ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر، ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، MDA جي آفيس واقع G-4/B، بلاڪ_17، گلشن اقبال، ڪراچي فون نمبر: 021-99244762، 021-99239120 ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو. اعتراض نوٽيس جي اشاعت جي تاريخ کان 07 دفتري ڏينهن اندر جمع ڪرائڻا پوندا.

مقرر ٿيل مدي کان پوءِ وصول ٿيل ڪنهن به اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو.

لوڪيشن پلان:



اسسٽنٽ ڊائريڪٽر(T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120, 021-99244762

INF/KRY/1700/2026

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو بلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع - پهرين مئي 2026ع

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن تي حڪمرانن جي توجہ ڇو ناهي؟

سنڌ قديم تهذيبن جي وارث رهي آهي. ڪيترين ئي شاندار روايتون ان جي ڀاڱ ۾ آيون آهن. خاص ڪري سام جهڙي عظيم رسم، جنهن کي نڀاهڻ لاءِ ماضيءَ ۾ جانين جي پرواهہ بہ نہ ڪئي وئي، ان کان علاوه مهمان نوازي پڻ هنڌين ماڳين مشهور رهي آهي. جنهن جا اثر اڄ سوڌو ڪيترن ئي هنڌن تي ڏسڻ ۾ اچن پيا. بلڪ اِها سنڌ جي مهمان نوازي ئي هُئي. جنهن ورهاڱي وقت، زماني جا ستم سهندڙ لٽيل ۽ ڦريل ماڻهن کي نہ رڳو پناهہ ڏني. پر اُنهن جي زخمن تي ڦها پڻ رکيا ۽ اُنهن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. بدلي ۾ انهن جا ڏنو اِهو هڪ الڳ قصو آهي، نہ رڳو اُهي پر ٻين بہ ڪيترن ئي ڌارين جون لوڌون گذريل ڳچ وقت کان سنڌ ڏانهن ڪاهہ ڪنديون رهيون آهن. جن نہ رڳو شهر پنهنجي وس ڪري رکيا آهن. پر ٻهراڙيون بہ سندن اثر ۾ اينديون پيون وڃن. سنڌ جو اصل وارث، جنهن لاڳيتو چئن نسلن کان پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ ڪيو آهي، سو بُک ۽ بدحاليءَ جي انتهائن کي رسڻ وارو آهي. ڪاٿئن تعليم ۽ صحت جو حق تہ گهٽ ٿي اڳ ڦريو ويو هو پر سُک ۽ سلامتي جيڪا ٻهراڙين جي اصل سُڃاڻ هُئي. تنهن کان بہ انهن کي محروم ڪيو ويو ۽ اُتي هٿ وٺي ڌوهارين کي ڇوٽ ڏني وئي تہ جيئن هيءَ غريب غربو سُک چين جي ننڊ کان بہ محروم هُجي.

چا زراعت، چا واپار، چا وسنديون چا ويڙها، سڀ ويران ۽ پڙپانگ ٿيندا پيا وڃن ۽ ماضيءَ جون عظيم روايتون ٽوڙي رسمون لاڳيتو ميسارجنديون پيون وڃن. اِهو سڀ اِن ڪري آهي جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن تي حڪمرانن جي توجہ ناهي. ماڻهو غربت جي انتهائن کي ڇُهي رهيا آهن. پني پيٽ پاليندڙن جو انگ هزارن کان ٽپي لکن کي پهتو آهي. جڏهن تہ ڌوهن ۾ پڻ اضافو ٿي ويو آهي. شهرن ۾ اسٽريٽ ڪرائيم زور وٺندو پيو وڃي، ٻهراڙيون بہ سُک ۾ ناهن. اُتي بہ اغوائن ۽ ڦُرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن جا پوري سماج تي انتهائي اُگرا اثر پئجي رهيا آهن. پر نظر اِئين پيو اچي تہ سنڌ جي حڪمرانن کي ان ڳالهہ سان ڪو بہ سروڪار ناهي. ڇو تہ اُهي چوندون هر حال ۾ کٽي ڄاڻن ٿا. جڏهن تہ سگهاريون ڌريون بہ سندن حق ۾ آهن جو هنن جي هٿان هميشہ اُنهن جو پلو ٿي ٿيندو رهيو آهي. تنهنڪري عوام جي اهنجن ڏانهن سنڌ سرڪار جي توجہ مڙيوئي گهٽ رهي آهي. جيڪڏهن اُها ڪرڻ چاهي ها تہ هِن وقت سنڌ جي صورتحال بنهہ تبديل هُجي ها جو لاڳيتو چوٿون ڀيرو ڪين سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو موقعو مليو آهي ۽ سورهن سال ڪو گهٽ عرصو ناهي. انهيءَ عرصي دوران ڪيترائي نسل جوان ٿي ويندا آهن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄ بہ سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين جو حال رحم جوڳو آهي. نہ تہ ڌوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڏسڻ ۾ اچي ٿي نہ وري ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ڪا رٿا نظر اچي ٿي. حيرت آهي جو سنڌ ۾ اهڙو ڪو تفريحي ماڳ ناهي ٺاهيو ويو جتي ماڻهو پنهنجن ٻارڙن سميت وڃي ڪجهہ ساعتون سُڪون جون ماڻين. ڪجهہ ماڳ آهن بہ تہ اُنهن تائين عام ماڻهن جي پهچ ناهي. جيئنڊيڪ گورک هِل جهڙو ماڳ بہ هتي موجود آهي، جنهن کي سنڌ جو مَري ڪوٺين ٿا. پر انهيءَ ماڳ تي عام ماڻهوءَ جو پهچڻ ايترو ئي مشڪل آهي جيترو ڪي ٽو کي سَرُ ڪرڻ. جيئن تيئن ڪري جيڪڏهن ماڻهو گورک تي پهچي بہ وڃي تہ اُتي رهائش، کاڌو خوراڪ ايترو مهانگو آهي جو وچولي طبقي جو ماڻهو ورهيہ ڪمائي تڏهن وڃي خرچ پَکي جا پئسا گڏ ڪري سگهي ٿو. مطلب تہ ماڻهن کي سهنج ۽ سُک ڏيڻ لاءِ حڪومت ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڪوشش نہ پئي ڪري، جنهن ڪري معاشرو تنگدستيءَ جو شڪار ٿي رهيو آهي. ماڻهو معمولي ڳالهين تي هڪٻئي سان مُهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. جنهن ڪري وڇوٽيون وڌنديون پيون وڃن. اُن لاءِ ضرورت اِن ڳالهہ جي آهي تہ پنهنجن ماڻهن جي ڀوٿيواري ڪئي وڃي تہ جيئن اُهي بهتر زندگيءَ جو لطف ماڻي سگهن.

ايران ۽ نار جي رياستن ۾ ڳالهيون ڇونہ؟


محمود شام

حرم پاک بھی، اللہ بھی، قرآن بھی ایک
کچھ بڑی بات تھی ہوتے جو مسلمان بھی.

گذريل هڪ ٻن سالن کان فلسطينين تي اسرائيل جي بربريت، خاص طور تي 28 فيبروري کان شروع ٿيل جنگ کان پوءِ، شاعر اقبال بار بار ياد اچي ٿو. اسان پاڻ بہ روضہ رسول ﷺ تي پيش ڪيل پنهنجي مناجات ۾ عرض ڪيو هو:

لے کے آیا ہوں مناجات مدینے والے
ٹھیک ہوتے نہیں حالات مدینے والے
کفر تو ملتِ واحد ہے ، منظم بھی ہے
ہوں مسلمان بھی اک ساتھ مدینے والے.

مسلمانن جي اتحاد بابت جيتري تحقيق ڪجي ٿي، اوتري مايوسي وڌندي وڃي ٿي، سبب تہ ملي وڃن ٿا، پر انهن جو اظهار نٿو ڪيو وڃي، ڇو تہ ان لاءِ سخت سزائون آهن. اهڙا خدشا ۽ وسوسا ذهن ۾ ويهاريا ويا آهن جو محقق بہ ڏڪي وڃي ٿو ڪوششون تہ گهٽيون نظر اچن ٿيون. ادارا بہ نهندا ڏسجن ٿا، پر جڏهن عمل جو وقت اچي ٿو تہ ڪو بہ اڳيان نٿو اچي. پوءِ مسلمان امير ملڪ آمريڪي ڇت هيٺ نظر اچن ٿا.

اهو نٿو چئي سگهجي تہ مسلمانن ادارا نہ ناهيا. خلافت عثمانيہ جي خاتمي کان پوءِ مسلمانن جي ورهاست جي تاريخ پڙهو، ڪٿي قبيلن جي نالي تي ورهايو ويو. ڪٿي پسنديده ماڻهن کي مٿان مڙهيو ويو. 1960ع تائين برطانيا گهڻو سرگرم رهيو، پوءِ آمريڪا پنهنجو اثر وڌائڻ شروع ڪيو ۽ مسلمانن کي پنهنجي اثر هيٺ آندو. 1956ع ۾ نهر سويز تي اختيارن جي جنگ ٿي، ان وقت پاڪستان جي وزيراعظم حسين شهيد سهروردي سان هڪ جملو منسوب آهي: "صفر + صفر = صفر". يعني مسلمانن جو اتحاد بي معنيٰ آهي، اهو جملو مصر جي سعد غول سان بہ منسوب ڪيو ويو آهي، پر حقيقت ۾ اڄ تائين حالتون اهڙيون ئي رهيون آهن.

1974ع ۾ لاهور ۾ اسلامي سربراهہ ڪانفرنس ذريعي ڪجهہ مسلمان ملڪن سر ڪنيو تہ اسلام دشمن قوتن انهن ملڪن جي اڳواڻن کي اندروني طاقتن وسيلي ختم ڪرايو: شاهہ فيصل، ذوالفقار علي ڀٽو، انور سادات، سوئڪارنو ۽ آخر ۾ معمر قذافي جو دردناڪ موت.

هاڻوڪي جنگ هڪ ڀيرو ٻيهر مسلمانن ۾ فوجي، سياسي ۽ سماجي اتحاد جي ضرورت کي اجاگر ڪيو آهي. اڄ جي نسل کي ان تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي، عام طور تي چيو وڃي ٿو تہ مذهب جي بنياد تي حڪمراني عملي ناهي، اصل مسئلو معيشت آهي، پر مسلمان ملڪن وٽ دولت جي بہ کوٽ ناهي، خاص طور آفريقا ۾ ڪيترائي مسلمان ملڪ معدني دولت سان مالا مال آهن. پر ڪو گڏيل اسلامي ادارو ناهي جيڪو سون، ٽامي، يورينيم ۽ ٻين قيمتي وسيلن جي کوجنا ۽ برآمد لاءِ ڪم ڪري، ان ميدان ۾ چين، روس ۽ آمريڪا ئي سرگرم نظر اچن ٿا.

چوندا تہ سڀ آهن تہ "الله جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙيو". پر امير اسلامي ملڪ واشنگٽن جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙي ويٺا آهن. پاڙيسري مسلمان ملڪ پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي جي صلاحيتن ۽ وسيلن مان فائدو نٿا وٺن.

1948ع کان فلسطين جا مظلوم پنهنجي سڃاڻپ ۽ حقن لاءِ وڙهي رهيا آهن، پر امير اسلامي ملڪ کين خودمختياري نہ ڏياري سگهيا. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ فلسطين جي حق ۾ هر قرارداد ويٽو ٿي وڃي ٿي، ۽ طاقتور اسلامي حڪمران واشنگٽن جي خوشنوديءَ کي ترجيح ڏين ٿا. ساڳيءَ طرح ڪشمير جا ماڻهو بہ 1948ع کان آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. پر اسلامي ملڪن جا ڀارت سان سٺا لاڳاپا آهن.

هاڻي سوال اهو آهي تہ جڏهن ايران، جيڪو هڪ اسلامي ملڪ آهي، تي آمريڪا ۽ اسرائيل حملو ڪن ٿا تہ اسلامي ملڪن جي تنظيم ڪٿي آهي؟ جڏهن ايران خليجي ملڪن ڏانهن ميزائل فائر ڪري ٿو، ڇو تہ اتي آمريڪي اڏا آهن. تڏهن او آءِ سي ڪٿي آهي؟

او آءِ سي ۾ 57 ملڪ آهن، ان کان علاوه 1981ع ۾ خليجي تعاون ڪائونسل (GCC) قائم ٿي، جنهن جو هيڊڪوارٽر رياض ۾ آهي، 2000ع ۾ انهن ملڪن گڏيل دفاعي معاهدو ڪيو، جنهن موجب ڪنهن بہ خطري وقت گڏيل دفاع ڪيو ويندو، ان سان گڏ مصر پاڪستان ۽ ترڪيءَ جهڙن ملڪن جي فوجي مدد جو بہ ذڪر آهي، پر هاڻوڪي حالتن ۾ اهو معاهدو بہ عملي طور نظر نہ آيو. ان کان پوءِ 2017ع ۾ اسلامي فوجي اتحاد (Islamic Military Counter Terrorism Coalition) قائم ڪيو ويو، جنهن جا 41 ميمبر آهن ۽ هيڊڪوارٽر بہ رياض ۾ آهي، انهن ملڪن ۾ سعودي عرب، بحرين، بنگلاديش، مصر اردن، ڪويت، لبنان، ملائيشيا، مالديپ، پاڪستان، قطر سينيگال، ترڪي، يو اي اِي وغيره شامل آهن. انهن مان ڪيترائي ملڪ اڳ ئي انتشار جو شڪار آهن. هاڻي جڏهن خليجي ملڪ بہ خطري هيٺ آهن تہ اهو اتحاد بہ غير فعال ڇو آهي؟

اسان اڳ بہ عرض ڪيو هو تہ پاڪستان اسلامي دنيا جي واحد ايٽمي طاقت آهي، تنهن ڪري ان جي ثالثيءَ کي عالمي اهميت حاصل آهي، پاڪستان کي گهرجي تہ ايران ۽ نار وارن ملڪن (سعودي عرب، ڪويت، بحرين، قطر يو اي اِي، عمان) جي وچ ۾ تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري. اهو قدم خليجي ملڪن جي لڳ ڀڳ ست ڪروڙ ماڻهن جي تحفظ لاءِ اهم هوندو جن ۾ لکين پاڪستاني بہ شامل آهن. انهن ملڪن وٽ وڏا مالي ذخيرا آهن: ڪويت 35 ارب ڊالر بحرين 4 ارب، قطر 71 ارب، يو اي اِي 28 ارب، عمان 16 ارب ۽ سعودي عرب 451 ارب ڊالر پاڪستان وٽ ايٽمي طاقت ۽ پيشاور فوج آهي ۽ جيڪڏهن ترڪي ۽ مصر بہ گڏ ٿين تہ اهي ايران ۽ خليجي ملڪن کي تحفظ فراهم ڪري سگهن ٿا.

جيڪڏهن خليجي ملڪ پاڪستان، ترڪي ۽ مصر جي فوجي تحفظ هيٺ اچن تہ اسرائيل کي ڪنهن اسلامي ملڪ تي حملو ڪرڻ جي همت نہ ٿيندي ۽ نہ ئي فلسطينين تي ظلم جاري رکي سگهندو. حالتن واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ آمريڪا هاڻي ڪمزور ٿي رهيو آهي ۽ هزارين ميل پري ويهي حقيقي تحفظ نٿو ڏئي سگهي. اهو صرف اسرائيل جي حمايت ڪري ٿو.

تاريخ، خاص طور اسلامي تاريخ، بار بار سڏي رهي آهي تہ پاڪستان، ترڪي، مصر ۽ ملائيشيا ايران ۽ خليجي ملڪن ۾ صلح ۽ مفاهمت لاءِ سنجيده ڪوششون ڪن. بلڪل ايئن جيئن انهن آمريڪا- ايران ڳالهين لاءِ ڪيون هيون.

پهرين مئي: جدوجهد ۽ مزدورن جي حقن جو ڏينهن!

غلام مصطفيٰ ڏاهري

هڪ منتظم جي حيثيت ۾ منهنجي سدائين اِها ڪوشش رهي آهي تہ مزدورن جي عظيم قربانين کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ شاندار پروگرام ڪوٺايو وڃي، پر عام موڪل سبب اِن قسم جي پروگرام جي خواهش سدائين دل ۾ ئي رهندي آئي آهي. جيتوڻيڪ پنهنجي وٽ ۽ وَس آهر هر ڀيري شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مختصر ئي صحيح پر پروگرام ضرور ڪرائيندا آهيون ۽ هِن ڀيري بہ ڪاليج جي احاطي ۾ شاگردن ۽ ڪاليج انتظاميا کي گڏ ڪري تقريبن ڏيڍ صدي اڳ ڏنل اِن عظيم قربانيءَ کي ساراهڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي. مٿان وري ايڊيٽوريل انچارج جي هدايت سبب پڙهندڙن لاءِ ڪجهہ اکر لکڻ جي جسارت ڪئي اٿم. ظاهر آهي اوڻيهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن جو اِهو واقعو آهي، تنهن لاءِ ڪجهہ ڪتابن تہ ڪجهہ انٽرنيٽ تان مواد حاصل ڪيو اٿم تہ جيئن پنهنجي موقف کي چٽائيءَ سان بيان ڪري سگهجي.

پورهيتن جو ڏينهن، جنهن کي ليبر ڊي يا مئي ڊي پڻ چيو وڃي ٿو، رڳو هڪ عام موڪل جو ڏينهن ناهي. پر اهو سڄي دنيا جي مزدورن لاءِ جدوجهد، قرباني، عزت ۽ انصاف جي ڊگهي ويڙهہ جي علامت آهي. ان جي تاريخ اُن دور سان لاڳاپيل آهي جڏهن صنعتي ترقيءَ سان گڏ مزدورن جو سخت استحصال بہ وڌيو هو. اوڻيهين صدي جي آخر ۾، خاص طور تي آمريڪا جهڙن ملڪن ۾، صنعتڪاري پنهنجي عروج تي هُئي، ڪارخانا تيزيءَ سان وڌي رهيا هُئا ۽ مزدورن جي گهرج وڌي رهي هُئي پر ان جو مطلب مزدورن لاءِ بهتر حالتون نہ هيون. مرد، عورتون ۽ ايستائين جو ٻار بہ روزانو 12 کان 16 ڪلاڪ غير محفوظ ۽ غير صحتمند ماحول ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور هُئا. اجرتون تمام گهٽ هيون ۽ مزدورن جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪو بہ قانون موجود نہ هو. مزدور طبقي جي زندگي سخت، غير يقيني ۽ اڪثر خطرناڪ هُئي انهن حالتن ۾ مزدورن منظم ٿيڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو آواز بلند ڪيو. سڀ کان اهم مطالبن مان هڪ مطالبو اٺ ڪلاڪ ڪم جو هو. "اٺ ڪلاڪ ڪم، اٺ ڪلاڪ آرام ۽ اٺ

ڪلاڪ ٻارن، دوستن ۽ وندر لاءِ" وارو نعرو مزدور تحريڪ جو اهم شعار بڻجي ويو. ٽريڊ يونينز ۽ مزدور تنظيمن گهٽ وقت تائين ڪم ۽ خراب حالتن خلاف احتجاج لاءِ مزدورن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

هي جدوجهد 1886ع ۾ شڪاگو شهر ۾ هڪ اهم موڙ تي پهتي. پهرين مئي تي هزارين مزدورن اٺ ڪلاڪ ڪم جي نفاذ لاءِ هڙتال ڪئي. احتجاج ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهيو ۽ گهڻو ڪري پُرامن هو. پر 4 مئي تي 'هي مارڪيٽ اسڪوائر' ۾ هڪ گڏجاڻيءَ دوران هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن کي اڄ 'هي مارڪيٽ واقعو' چيو وڃي ٿو هڪ نامعلوم شخص پوليس تي بم اڇلايو. جنهن سان افراتفري پکڙجي وئي. پوليس جواب ۾ هجوم تي فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ ڪيترائي مزدور ۽ پوليس اهلڪار مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. 'هي مارڪيٽ/ ٻُهہ واري مارڪيٽ' واقعي کان پوءِ حالتون انتهائي سنگين ٿي ويون. مزدور اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ واضح ثبوت نہ هئڻ باوجود ڪجهہ کي ڦاسي ڏني وئي. هن واقعي سڄي دنيا کي جهٽڪو ڏنو ۽ مزدورن جي جدوجهد ۽ قرباني هڪ طاقتور علامت بڻجي وئي، جنهن مزدورن جي سڌارن جي تڪڙي ضرورت کي اجاگر ڪيو ۽ عالمي ڌيان مزدورن جي خراب حالتن ڏانهن ڇڪايو.

1889ع ۾ 'سيڪنڊ انٽرنيشنل'، جيڪا سوشلسٽ ۽ مزدور جماعتن جي عالمي تنظيم هُئي، پهرين مئي کي عالمي مزدور ڏينهن قرار ڏنو. هي تاريخ شڪاگو ۾ جان وڃائيندڙ مزدورن جي ياد ۾ چونڊي وئي ۽ مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جي علامت بڻجي وئي. ان وقت کان وٺي 'مئي ڊي' ڪيترن ئي ملڪن ۾ اتحاد ۽ مزدور طبقي جي سڃاڻپ طور ملهايو وڃي ٿو.

دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ آمريڪا پهرين مئي تي مزدورن جو ڏينهن نٿو ملهايو پر سيپٽمبر جي پهرين سومر تي اهو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو. اهو فيصلو ان ڪري ڪيو ويو تہ هن ڏينهن کي 'هي مارڪيٽ' واقعي جي انقلابي پس منظر کان ڌار رکيو وڃي ۽ مزدورن جي هڪ نسبتاً غير جانبدار سڃاڻپ کي فروغ ڏنو وڃي.

اڄ مزدورن جو ڏينهن دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ ملهايو وڃي ٿو. جن ۾ پاڪستان پڻ شامل آهي. هن ڏينهن ريليون، سيمينار ۽ مختلف تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن جن ۾ مزدورن جي خدمتن کي ساراهيو ويندو آهي ۽ انهن جي حقن بابت آگاهي وڌائي ويندي آهي. اهو ڏينهن اسان کي ڪيل اڳڀرائين سان گڏ انهن چئلينجن جي بہ ياد ڏياريندو آهي، جيڪي اڃا باقي آهن. مزدور تحريڪ جي ڪاميابين جي باوجود، اڄ بہ دنيا جي ڪيترن ئي مزدورن کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. گهٽ اجرت، روزگار جي عدم تحفظ، غير محفوظ ڪم جون حالتون ۽ سماجي تحفظ جي کوٽ جهڙا مسئلا اڃا بہ عام آهن. تنهن ڪري مزدورن جو ڏينهن رڳو ماضيءَ جي جدوجهد جي ياد ناهي، پر اڄ جي مزدورن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ سڏ بہ آهي.

پهرين مئي: مزدورن جي پگهر مان اُڀرندڙ انصاف، عزت ۽ حق جو آواز

عامر انصاري

جڏهن رات جا آخري پاڇا اڃا ڪرڻيءَ سان جنبڙيل هوندا آهن، جڏهن آسمان جا تارا پنهنجي ٿڪل ۽ مدهم روشنيءَ سان الوداعيءَ کي الوداع چوندا آهن. جڏهن فضا ۾ هڪ ڳري خاموشي پنهنجو مڪمل راڄ قائم ڪندي آهي، تڏهن ئي هڪ مزدور پنهنجي ننڊ جي مٽيءَ جهولي مان اُٿي، زندگيءَ جي سخت، اڻ ڏٺل پٿريلي ۽ ڪنڊيدار رستن تي قدم رکي ٿو.

اُهو سفر ڪا عام مجبوري ناهي، پر بقا جي جنگ آهي اُها هر ڏينهن جي نئين شروعات آهي جيڪا اميد، ضرورت ۽ مجبوريءَ جي وچ ۾ جڙي ٿي سندس اکين ۾ اڌورا خواب هوندا آهن. پر انهن خوابن ۾ بہ هڪ عجيب روشني، هڪ اڻٽٽ اميد ۽ اندروني حوصلو موجود هوندو آهي سندس دل ۾ اڻڪٿ اميدون ۽ هٿن ۾ قسمت سان مقابلي جو اٽل حوصلو هوندو آهي هو نہ ڪنهن شڪايت سان نڪري ٿو نہ ڪنهن جي گلا سان، پر هڪ خاموش عزم سان. جيڪو هر ڏينهن جي نئين جدوجهد جو اعلان هوندو آهي اهي هٿ، جن جون آڱريون ڇالا بڻجي ويون آهن جن جا پير رستن جي ڌوڙ ۾ گم ٿي ويا آهن جن جا چهرا سج جي تپش ۾ سڙي ويا آهن پوءِ بہ انهن جي اندر اميد زندهہ آهي، جيڪا زندگيءَ جي سخت حقيقتن سان ٽڪرائڻ لاءِ تيار هوندي آهي.

مزدور اُهو لفظ آهي، جيڪو پاڻ ۾ هڪ پوري ڪائنات، مڪمل تاريخ، سماجي حقيقت ۽ اڻکٽ انساني ڪهاڻي سموئي ويٺو آهي اُهو صرف هڪ سڃاڻپ ناهي، پر هڪ زندهہ باب آهي، جنهن ۾ قرباني، صبر، استقامت، محنت، مجبوري ۽ انساني عظمت جا سڀ رنگ گڏ ٿيل آهن دنيا جي هر اوچي عمارت، هر شاهراهہ، هر پل، هر ڪارخانو، هر شهر جي روشني، هر مشين جي گونج. جيڪڏهن غور سان ڏسجي تہ انهن سڀني جي پٺيان مزدور جي خاموش محنت، سندس پگهر، ٿڪاوٽ، بي خوابي ۽ رت شامل هوندو آهي. پر افسوس جو اهو سچ اڪثر وساريو وڃي ٿو تہ جنهن جا هٿ دنيا کي سنواري رهيا آهن، ان جي پنهنجي زندگي اڪثر اونداهيءَ ۾ هوندي آهي جيڪو ٻين لاءِ روشني پيدا ڪري ٿو، اُهو پاڻ اونداهين ۾ رهندو آهي جيڪو ٻين جي زندگين کي آسان بڻائي ٿو اُهو پاڻ مشڪلاتن جي ڳري بار هيٺ هوندو آهي.

هر سال پهرين مئي مزدورن جو عالمي ڏينهن ملهايو وڃي ٿو، پر هي رڳو هڪ تاريخ ناهي، بلڪ انساني تاريخ جو هڪ زندهہ، دردناڪ ۽ انقلابي باب آهي پهرين مئي 1886ع ۾ آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ جڏهن مزدورن پنهنجا حق گهريا، تڏهن اهو ڪو بغاوت جو جذبو نہ هو، پر هڪ بنيادي انساني ضرورت هُئي انهن جو مطالبو نہ بادشاهي هو، نہ دولت ۽ نہ طاقت، پر صرف اٺ ڪلاڪ ڪم، اٺ ڪلاڪ آرام ۽ اٺ ڪلاڪ پنهنجي زندگيءَ لاءِ هئا. پر ان جائز آواز کي دٻائڻ لاءِ ظلم ڪيو ويو گوليون هليون، رت وهيو لاش ڪريا، پر حق جو آواز نہ مئو اهو آواز سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو ۽ عالمي تحريڪ جو بنياد بڻجي ويو.

اڄ بہ سوال اهو آهي تہ ڇا مزدور جي زندگي واقعي بدلي آهي؟ افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ شڪل بدلي آهي، پر استحصالي اڄ بہ موجود آهي اڄ بہ مزدور گهٽ اجرت، ڊگهن ڪلاڪن، غير محفوظ ماحول ۽ سماجي بي يقينيءَ جو شڪار آهي هو صبح کان شام تائين سخت محنت ڪري ٿو، پر جڏهن گهر موٽي ٿو تہ سندس هٿن ۾ صرف ٿڪاوٽ هوندي آهي اهو وڏو انساني اَلميو آهي تہ جيڪو ٻين لاءِ محل اڏيندو آهي، اُهو پاڻ ڇت لاءِ ترسندو آهي.

مزدورن جو عالمي ڏينهن اسان کي صرف ماضي ياد نہ ٿو ڏياري، پر اسان جي ضمير کي بہ جاڳائي ٿو اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ مزدور ڪنهن بہ قوم جي ريڙهہ جي هڏي آهن جيڪڏهن مزدور ڪمزور هوندو تہ قوم بہ ڪمزور ٿيندي حڪومتن کي گهرجي تہ مزدورن لاءِ مضبوط قانون ناهين انهن تي عمل ڪرائن ۽ مزدورن کي مناسب اجرت، صحت ۽ تعليم جون سهولتون فراهم ڪن ڪارخانيدارن کي بہ مزدورن کي انسان سمجهڻ گهرجي. نہ رڳو ڪم جو اوزار اڄ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان هن ڏينهن کي رڳو لفظن تائين محدود نہ رکون، پر عملي قدم کڻون ڇو تہ جيڪڏهن مزدور کي انصاف ملي ويندو، تہ دنيا نہ رڳو ترقي ڪندي پر انسانيت بہ اڳتي وڌندي.

ساٿر صحت سپرين، آهي نہ آزار

فقير حاجن نظاماڻي

لطيف سائينءَ جي سورمين ۽ سورمن ڪانسواءِ ٻنا نالي ڪردارن جي عشق جي ڳالهہ ڪنداسين. لطيف سائينءَ جي ڪلام مان عشق هر جڳهہ تي چمڪي پيو، جنهن جي روشني پوري دنيا تائين پکڙيل آهي. فقير چون ٿا تہ، عشق جي معاملن تي سائنس جي ڪا رسد نہ پهتي آهي، پر پوءِ بہ ڪوشش ڪئي اٿن، پهچ حاصل ڪري بہ عشق کي ڇا ڪندا؟ عشق پنهنجي منزل ڏانهن رواں دواں آهي، نہ نفعي جي پرواهہ نہ زندگي موت جي قصد، طالب ۽ مطلوب پاڻ هڪ آهن. بس هڪ ٻئي سان هڪ ٿي رهڻ جي خواهش هوندي آهي. فاصلا، وقت عشق جي اڳيان محتاج آهن. زندگيءَ جو احساس دوست جي موجودگي ۽ موت عليحدگي کي چون ٿا تہ لطيف سائين جن فرمائين ٿا تہ،

آٿياري آئي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ئي هٿي ويا، پيڙا جي پچار،
طبيبن تنوار، هڏ نہ وٺي هاڻ مون

هن بيت ۾ لطيف سائينءَ عشق جي ڪيفيت جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ جڏهن محبوب مون وٽان آئيا تہ منهنجو جيءَ ۾ آزار اٿاري ويا. منهنجا محبوب، حبيب آهن پر جڏهن مون وٽان آئيا تہ سورن جي پچار جو سبق ڏيئي ويا. منهنجي مرض جا طبيب صرف منهنجا محبوب ئي آهن. منهنجي جان جسم پنهنجي پرينءَ ڪانسواءِ بلڪل پسند نہ آهي. پنهنجي ڪيفيتن جو تذڪرو فقيرن اهڙيءَ ريت ڪيو آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ عشق جي خوراڪ محبوب جي صورت جو درشن آهي. وجود جي وار وار مان انسان پيڙا کي بخوبي محسوس ڪري سگهي ٿو جدائي واري حال ۾ هجي يا وصال واري ڪيفيت ۾ هجي، پر انهن احساسن جي ترجماني عاشقن ڪئي آهي.

هڏ نہ وٺي هاڻ ٿو ويڄن جو وصال
هن منهنجي حال، حبيب ئي هادي ٿيو

جڏهن عشق جي ڪيفيت ۾ جدائي وارو ماحول هجي تہ عاشق جي اندر ۾ سواءِ پنهنجي محبوب جي ٻيو ڪوبہ نٿو وٺي. هن بيت ۾ لطيف سائين جن عڪاسي ڪئي آهي تہ جڏهن جدائي ٿي وئي آهي تہ عاشق بيماري واري حالت ۾ يار جي ياد ۾ تڙپي رهيو آهي. ڊاڪٽر دوا جي لاءِ آيو آهي. جنهن کي سنڌي ويڄ چئون ٿا، اهو ڏني نٿو وٺيس. ان ڊاڪٽر کي چوي ٿو تہ منهنجي هن حال جو حبيب هادي پنهنجو محبوب آهي هر عاشق جي ڪيفيت جي عڪاسي هن بيت ۾ ٿيل آهي. پر ڪيفيت کي سمجهڻ لاءِ بہ انهيءَ ڪيفيت مان گذرڻ لازمي آهي. نہ تہ عام ماڻهو هنن اعليٰ ڪيفيتن کي وقت جو زيان چون ٿا. يا وري جسماني ٿڪاوٽ جي آسائش ڪوٺين ٿا. پر عشق جي ڪيفيت ڪي بہ ڪي عاشق سمجهن ٿا، ٻين ماڻهن جي لاءِ هي تحفو ڏاتيءَ عطا نہ ڪيو آهي، چون ٿا تہ هر ڪنهن روح کي هيءَ عشق جي ڪيفيت نصيب ناهي ٿيندي، جنهن پاڪ روح کي رب سائين مقام عطا ڪري، عشق جي ڪيفيت گهڻ ظرف وارن لاءِ نہ هوندي آهي، اعليٰ ظرفن کي جڏهن ملندو آهي تہ ضمير روشن ٿي ويندو آهي. فقير چون ٿا تہ جڏهن عشق جو سواد انسان جي وجود سان ملي وڃي ٿو هيءَ دنيا رنگين ۽ خوشبوادر ٿي ليهائيندڙ ٿي لڳي.

حبيب ئي هادي ٿيو، رهنماء راحت
پيڙا نيائين پاڻ سين، لاٿي ٿئي لٿ
سپيريان صحت، ڏنيم منجهان ڏکندي

لطيف سائينءَ جن فرمائين ٿا تہ حبيب ئي هادي ٿين ٿا تہ انهن جي رهنمائي راحت ٿي پوي ٿي. سورن، پيڙائن کي ڇڪي لٽ ڏيئي ڪيئي ڇڏين ٿا. پرين صحت تہ ڏين ٿا پر انهيءَ لاءِ ڏکندي واري حالت مان گذرڻو پوي ٿو. فقير چون ٿا تہ عشق جا انداز نرالا آهن. جدائي ۽ پيڙا ۾ بہ محبوب جي انسان ويجهو رهي ٿو پري ٿيڻ تہ ڪنهن بہ صورت ۾ محال هجي ٿو وصال هجي يا فراق جو ڦندو ڪنڌ ۾ هجيس. هر گهڙي پُرڪشش ڪيفيت عاشقن جي هوندي آهي. دنيا کان ماورا هي انسان پنهنجي وجود ۾ پنهنجي محبوب کي ڳوليندا آهن. سور بہ محبوبن سان گڏ هجن ٿا تہ ديدار بہ يار جو هوندو اٿن.

ساٿر صحت سپرين، آهي نہ آزار
مجلس وير مٺو ٿئي، ڪونيندي قهار
خنجر لنهن خوب هٿي جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رڳون ساهہ جون

لطيف سائين جن هن بيت ۾ فرمائين ٿا تہ ساٿر يعني مرض جو علاج، ڦکي، ڦکي، (ساٿر هڪ اهڙي ڦکي آهي جيڪا ٻهراڙين جا ماڻهو ڦٽن تي هڻندا هئا يا اجان بہ ڪٿي ان عمل کي دهرايو ويندو هجي پر هاڻ سائنسي طبع جو دور هلي رهيو آهي) لطيف سائين فرمايو آهي تہ منهنجو محبوب منهنجي لاءِ علاج آهي، عشق ۾ ڪو بہ آزار ناهي هوندو. پر جڏهن محبوب سڏيندو آهي تہ ان مهل مٺو هوندو آهي جو جوان جو نالو قهار بہ آهي، جنهن سان ياري رکي ٿو تہ ان کي خنجر خوب هٿي ٿو صاحب جي

لطيفي لات —— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

اَلَستُ اِرواحَنِ کي، جَڏهِين چَيائِين،
مَنُ ڪَاڏو مَيهَارَ ڏي، سُهِڻيءَ سَدائِين،
جَيڪِي آيَسِ اوڏاهِين، سو پَارِي مُنڍ پَاتَارَ ۾.

انسان کي قدرت طرفان مليل فطرتن مان پيار، محبت، ڪنهن سان لڳاءَ واري مليل فطرت سڀ کان طاقتور، زور ۽ اٿجهل آهي. ان کي روڪڻ لاءِ ڪيترين بہ جهلون ڏيوس، منع ڪيوس، واجهہ وجهوس پر هو ان کان نہ مڙندو. ڇو تہ فطرت، عادت ناهي، جيڪا انسان کي ٻاهران ملي ٿي، فطرت قدرتي طور ملي ٿي، ان ئي فطري روش جي، ڪيفيت جي لطيف سائين سهڻيءَ جي روپ ۾ اپٽار ڪري ٿو تہ "جڏهن عالمِ ارواح يعني ازل وقت الله سائين روحن کي جيو پئي تہ ڇا مان آهيان؟ ان وقت بہ سهڻي جي پيار جي چڪ، تانگهہ ميهار ڏانهن ئي هُئي، تنهن ڪانپوءِ تہ هن کي نہ ڪنهن جي غرض هئي نہ ئي ٻئي ڪنهن کي خاطر ۾ ٿي آنڌائين. هن جي ذهن ۾، من ۾ صرف ميهار جو پيار ئي سمايل رهيو. ڪيس پنهنجي پيار ۽ محبت جي پالنا ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ خطرن جو نہ پڙ هو نہ ئي هن کي ڪا پرواهہ هُئي. ان اٿاهہ عشق کي نڀائڻ جي لاءِ سهڻيءَ جيڪو ازل وقت واعدو ڪيو، جو قول ڏنو هيائين. اهو ئي درياهہ جي مست لهرن ۾ پورو پئي ڪري."

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن - پهرين مئي

مسز گل بانو کي مينوالا

مسز گل بانو کي مينوالا ڪراچيءَ جي پارسي خاندان جي مشهور سماج سڌارڪ خاتون هُئي هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1913ع ۾ ٿيو هن جي والد جو نالو ٻهرام جي پي پردي ۽ ماءُ جو نالو پروجا هو تعليم مڪمل ڪرڻ بعد اسڪول جي استاد بنجي قوم جي نونهالن کي علم جهڙي املهہ وٿ سان مالامال ڪيائين هن سڄي عمر عام پلي جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏي پاڻ ڪيترن ئي ساک وارن ادارن ۽ جماعتن ۾ ڪم ڪيو هوءَ جن ادارن ۽ تنظيمن جي ميمبر هُئي تن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي جيڪا سڪين جي ايم سيد جي ڪتاب "جنم گذاريم جن سين" ۾ ڏنل آهي هوءَ هڪ باخلاق، بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي قوم جي خدمت ڪندڙ تقرير ۽ تحرير جي فن ۾ پڙ ۽ هڪ مثالي سماجي ڪارڪن هُئي سندس وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي.

قلندر شاهہ لڪياري

اڄ سنڌ جي ناميارِي شاعر، اديب ۽ تعليمي ماهر پروفيسر قلندر شاهہ لڪياريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن انمول انسان جو جنم پهرين مئي 1940ع تي ڳوٺ احمد ڪڪر تعلقي ٻلڙي شاهہ ڪريم ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان سجاول جي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو ۽ ايم اي (انگريزي ادب) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن انگريزي ٽيچنگ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما ۽ لائبريري سائنس ۾ ڊپلوما پڻ ڪيو 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار ٿيو ۽ 2000ع ۾ پروفيسر طور رٽائر ٿيو هڪ بهترين استاد سان گڏوگڏ هو بهترين ليکڪ ۽ محقق هو هن علامہ اقبال جي فارسي شاعريءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ڪيو ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ پاران ڇپجندڙ انگريزي سنڌي ڊڪشنرين جو ايڊيٽر رهيو هن ڪيترائي انعام ۽ اعزاز حاصل ڪيا، جن ۾ حسن ڪارڪردگيءَ جو ايوارڊ، چانسلر پاران گولڊ ميڊل ۽ قلندر شهباز ايوارڊ شامل آهن هن 4 ڊسمبر 2020ع تي وفات ڪئي.

انيس ميمڻ

اڄ مشهور نيوز ڪاسٽر، سماجي ڪارڪن ۽ ليکڪا انيس ميمڻ جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي هن جو جنم پهرين مئي 1952ع تي ٽنڊي ڄام ۾ محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو شاديءَ کان پوءِ پاڻ "انيس رحمان" سڏائي ٿي هن مئٽرڪ جو امتحان ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس مان ۽ بي اي جو امتحان زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو ان بعد ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) جي سند سنڌ نيوز ڪاسٽر هجڻ جو اعزاز مليو 1975ع کان 1979ع تائين حيدرآباد ۽ سکر ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر رهي هن جا 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيترائي مضمون شاعري ۽ ڪهاڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "پيڪڙا پيرن ۾" 2021ع ۾ ڇپيو هن پنهنجي پيڻ ڊاڪٽر فهميدا حسين سان گڏ ماهوار رسالو "سگهڙين سٿ" پڻ جاري ڪيو.

نامديو لالا



اڄ هند ۽ سنڌ جي نامور شاعر نثرنويس ۽ سنڌيڪار نامديو لالا جي جنم جو ڏينهن آهي هن سرت پرڻي ساهتڪار پهرين مئي 1959ع ۾ پير جو ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي ايڊ ۽ ايم اي جون سنڌون حاصل ڪيون 1981ع ۾ سنڌ ڇڏي هندستان ۾ الهاسنگر ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين ۽ اتي ئي هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو اڄڪلهہ هندستان جي شهر احمدآباد ۾ رهي ٿو سنڌي ادبي حلقن ۾ هو هڪ نامور مضمون نگار، شاعر ۽ مترجم طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو هن وقت تائين سندس 10 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن مان 8 سنڌي، هڪ اردو ۽ هڪ انگريزيءَ ۾ لکيل آهي ان کان علاوه هن اٽليءَ جون ڍير لوڪ ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو آهي.

زخمي چانڊيو

اڄ مشهور شاعر زخمي چانڊيو جي جنم جو ڏينهن آهي هو پهرين مئي 1961ع تي ڊکڻ ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو سندس اصل نالو ڄام خان ولد مولا بخش چانڊيو هو مئٽرڪ جو امتحان ڊکڻ مان ۽ انٽر جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي (اسلامي ڪلچر) جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول ٽيچر طور ڪيائين تعليم کاتي ۾ سپروائيزر طور بہ ڪم ڪيائين هن 1984ع ۾ شاعري شروع ڪئي پاڻ سنڌي ادبي سنگت سميت ڪيترين ئي ٻين ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان واڳيل رهيو سندس ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "شهر شهر زخمي"، "ڏاڍو سارينديس" ۽ "منهنجي مٽي کان پوءِ" شامل آهن هن کي 24 آڪٽوبر 2000ع تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو.

آزاد بخاري


مختيار اٿر

ڳوٺ جڪ ۾ پڙهيو ٻارهون ڪلاس ڊگري ڪاليج سکر مان پاس ڪيائين ايليمينٽري ۽ اٽر ٽرانگ جو ڪورس بہ پاس ڪيائين اڳتي هلي بي ڪام، بي ايڊ، ايم اي، ايم ايڊ ۽ آرٽ ماسٽر جون سنڌون حاصل ڪيائين 1989ع کان ڊرائنگ ٽيچر طور سرڪاري نوڪري ڪري رهيو آهي ڪاليج واري زماني ۾ ادبي ڪيتر ۾ پير پاتائين ۽ سنڌي ادبي سنگت سميت مختلف ادبي تنظيمن جو ميمبر بنيو سندس شاعري ۽ ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ ڇپيون شاعريءَ ۾ شروع ۾ سندس تخلص "عبد بخاري" ۽ پوءِ "عبدالڪريم آزاد" هو پر پوءِ "آزاد بخاري" جي تخلص سان مشهور ٿيو هن جا 10 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ايم آر ڊي واريءَ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين جيئي سنڌ محاذ، جساف ۽ لطيف سنگت سان بہ واڳيل رهيو آهي

منظور احمد قناسرو



سنڌي ثقافت جي هن سڄڻ جو جنم پهرين مئي 1964ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي قنسارا ڳوٺ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين اعليٰ تعليم شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين 1986ع ۾ سرڪاري ملازمت شروع ڪيائين ۽ پاڻ ڊائريڪٽر جنرل ثقافت، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف، ڊائريڪٽر جنرل سياحت ۽ ٻين اهم عهدن تي ڪم ڪري چڪو آهي ڪيس ادب ۽ شاهہ جي شاعريءَ سان بہ خاص چاهہ رهيو آهي هن "لطيف جو ثقافتي ورثو" نالي سان هڪ ڪتاب بہ لکيو آهي انهيءَ ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ ٿي چڪو آهي

جاني اسحاق ملاح

هن قلمڪار جو جنم پهرين مئي 1967ع تي ڳوٺ رحيم ملاح تعلقي جوهي ضلعي دادو ۾ ٿيو هن 1986ع ڌاري لکڻ جي ابتدا ڪئي هو هڪ شاعر هجڻ سان گڏوگڏ هڪ چڱو ڊراما نويس ۽ ڪهاڻيڪار هو هن جي شاعري ۽ ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌريون ٿيون ۽ هن جا ڪجهہ ڊراما هڪ نجي ٽيليويزن چئنل تان ٽيليڪاسٽ ٿيا سندس شاعريءَ جو مجموعو "موکيءَ مٽ اپٽيا" ڇپجي چڪو آهي هن 17 مئي 2011ع تي وفات ڪئي.

ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان سچل سرمست ڪاليج نواب شاهہ مان پاس ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي (سنڌي ادب) جون سنڌون حاصل ڪيائين. هن سياسي سفر جي شروعات سنڌ ساگر اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ميمبر طور ڪئي 1990ع ۾ انهيءَ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين. 1995ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپجي ويو ۽ اڳتي هلي جسقم جو مرڪزي عهديدار رهيو. 2005ع ۾ ڪالاباغ ڊيم ناهڻ خلاف لاڳيتو 31 ڏينهن بُک هڙتال ڪيائين هن جا ڪيترائي ڪالم اخبارن جي زينت بڻيا. سندس ڪالمن جو ڪتاب "پيار ۽ آزادي" ڇپجي چڪو آهي.

ايوب کوسو



اڄ ناميارِي شاعر ايوب کوسي جي جنم جو ڏينهن آهي هن پهرين مئي 1971ع تي جهڏي ويجهو ڳوٺ حاجي احمد کوسي ۾ اکيون کوليون بي اي ۽ بي ايس سي جون سنڌون حاصل ڪيائين 1989ع کان شاعري شروع ڪيائين سنڌي ادبي سنگت جي جهڏي ۽ نئين ڪوٽ شاخ سان واڳيل رهيو آهي سندس 11 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن

خليق مورائي

خليق مورائي پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ ۽ حڪيم هو هن جو اصل نالو قاضي عبدالخلق ولد نبي بخش هو هن جو جنم 1893ع ڌاري موري ۾ ٿيو سنڌي، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين هو هڪ مشهور حڪيم بہ هو پهريائين جيڪب آباد ضلعي جي شهر ٺل ۾ ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ پنهنجو شفاخانو کوليائين خلافت تحريڪ، ترڪ موالات تحريڪ ۽ جميعت علماءِ هند سان لاڳاپيل رهيو هو هڪ سٺو اديب هو ويهن کان وڌيڪ ڪتاب لکيائين جن مان ڪجهہ ڪن ڇپجي سگهيا هن پهرين مئي 1934ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي

مير رسول بخش ٽالپر

اڄ مشهور سياستدان مير رسول بخش ٽالپر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ 23 آڪٽوبر 1920ع ۾ ٿيو جامعہ مليہ دهلي ۽ سنڌ مدرسۃ الاسلام جهڙن مشهور تعليمي ادارن مان علم جي اُڃ اجهايائين. جيتوڻيڪ پاڻ هڪ سُڪئي ستابي زميندار گهراڻي جو چشم و چراغ هو پر سادي سڀاءَ وارو ۽ فقير منش انسان هو سماجي خدمتن ۾ هميشہ اڳڀرو رهيو. ٽانگا يونين،

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

قائد اعظم محمد علي جناح جي درسگاه

SMI UNIVERSITY

سنڌ مدرست الاسلام يونيورسٽي

تصحيح

سنڌ مدرست الاسلام يونيورسٽي، ڪراچي پاران تاريخ 26-04-2026 تي روزاني ڊان ڪراچي، روزاني ايڪسپريس اردو ڪراچي، ۽ روزاني عبرت حيدرآباد ۾ انتظامي عهدن تي ڀرتين لاءِ شايع ٿيل اشتهار جي حوالي سان.

هن ذريعي سمورن واسطيدارن جي ڄاڻ لاءِ واضح ڪيو وڃي ٿو ته:

اشتهار ڏنل عهدن لاءِ درخواستون صرف انهن اميدوارن کان گهرايون وڃن ٿيون جن وٽ صوبي سنڌ جو ڊوميسائل آهي.

جيڪي اميدوار اڳ ۾ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن يا وفاقي/صوبائي حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ خودمختيار ادارن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، انهن کي گهرجي ته اهي پنهنجون درخواستون واسطيدار کاتي جي ذريعي موڪلين.

انهن اميدوارن کي لاڳاپيل سرڪاري قاعدن موجب عمر جي مقرر حد ۾ رعايت ڏني ويندي.

روزاني ڊان ڪراچي ۾ شايع ٿيل اشتهار ۾ سرخي کي "ALMA MATER OF QUAID-E-AZAM MOHAMMAD ALI JINNAH" پڙهيو وڃي.

اهڙي طرح، نالو "Sindh Madressatu Islam University" کي "Sindh Madressatul Islam University" پڙهيو وڃي.

اسسٽنٽ لائبريرين (BPS-17) جي عهدي لاءِ عمر جي وڌ ۾ وڌ حد 35 سالن جي بدران 30 سال پڙهي وڃي.

اشتهار ۾ ذڪر ڪيل ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا، قابليت جا معيار، مقرر ڪيل لياقتون، ۽ آخري تاريخ اڻ بدليل رهندا.

ڊائريڪٽر HRM
شڪيل احمد ابڙو
ڊائريڪٽر هيومن ريسورسز
سنڌ مدرست الاسلام يونيورسٽي،
ڪراچي

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1683/2026

سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (SEPRA)

مدت ۾ واڌ جو نوٽيس

قانوني/ٽيڪنيڪل صلاحڪارن جي پينل تي شموليت لاءِ (EOI FOR EMPANELMENT OF LEGAL/TECHNICAL CONSULTANTS) INF-KRY/1435/2026 جي حوالي سان.

درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ وڌيڪ ستن (07) ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي، يعني هاڻي اها تاريخ 7 مئي 2026 (اربع) تائين هوندي.

دلچسپي رکندڙ اميدوار/درخواست گذار قانوني فرمون پنهنجون درخواستون (EOI) رجسٽرار، سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي، بنگلو نمبر D-55-1، بلاڪ 5، ڪلفٽن ڪراچي جي آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهن ٿا يا اي ميل ايڊريس bids@sepradoc.com تي موڪلي سگهن ٿا.

رجسٽرار

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1685/2026

SUKKUR ELECTRIC POWER COMPANY

INVITATION FOR E-BIDS (IFEB)

TENDER NO. PMU-S-APMS-01/2025-26
EPADS 2.0V Reference No: P28559

1. SEPCO invites E-bids from the Potential Eligible Registered bidder with WAPDA / PEPCO / DISCOs / PPMC having valid PEC registration, NTN, Sales Tax Registration alongwith registration in Provincial Revenue Authority for the purpose of Sales Tax on services in SEPCO jurisdiction (whichever is applicable) on Single Stage One Envelope bidding procedure under National Competitive bidding (NCB) basis in accordance with the provisions of PPRA Rules, General Conditions of Contract & other procurement manuals amended to date.
2. SEPCO intends to procure 483-Nos. of Asset Performance Management System (APMS) for Pole Mounted Distribution Transformers as per PPMC specification No. DS-01:2026 including Supply, Installation, Testing & Commissioning with allied accessories and with complete solution for successful operation in SEPCO jurisdiction.
3. The Detail of Project is as under

Scope / Description	Number of APMS with capacity	Date & time of Tender Opening
Procurement, Supply, Installation, Testing & Commissioning of **Asset Performance Management System (APMS)** as per PPMC specification No. DS-01:2026 on Turnkey basis. Eligible bidder will be responsible for supply, installation, testing & commissioning of APMS with allied accessories, and complete solution for successful operation in the jurisdiction of Sukkur Electric Power Company for a contract period of 02 months.	• 75-Nos. APMS on 25kVA Distribution Transformer • 82-Nos. APMS on 50kVA Distribution Transformer • 148-Nos. APMS on 100kVA Distribution Transformer • 178-Nos. APMS on 200kVA Distribution Transformer	Opening Date 19-05-2026 Closing Time 11:30 A.M Opening Time 12:00 P.M Venue: Office of the Chief Engineer (Dev.) PMU SEPCO, 2nd Floor, Al Sehra Building, Minara Road, near Session Court Sukkur

4. Interested Eligible Bidders / Firms / JV can participate in E-Bidding through E-PADS V2.0. Bidder who is not registered on E-PADS shall contact PPRA for registration purpose. Tender submitted other than E-Pads will be rejected.
5. Bidding document containing detailed terms & conditions, specification, schedule of requirements etc are available on E-PADS PPRA V2.0.
6. Bids must be accompanied by a Bid Security valid for 120 days amounting to PKR 2,400,000/- in the form of Demand Draft, Pay Order, CDR or Bank Guarantee duly issued from a Scheduled Bank of Pakistan in favor of Chief Executive Officer SEPCO Sukkur. Bid Security in original will be provided to procuring agency before opening of tender otherwise the bid will be treated Non-Responsive.
7. Bid shall be valid for 90 days from the date of tender opening. Bid having validity less than 90 days will be treated Non-Responsive.
8. Bids not complying with the requirements will be rejected being non-responsive. Alternate proposals and / or conditional bids will be considered non-responsive.
9. Taxes will be deducted as per applicable Government Rules. NTN and Sales Tax registration certificate must be provided with the Bid.
10. This advertisement is also available on PPRA Website and SEPCO website (www.sepco.com.pk)
11. SEPCO reserves the right to reject the bids as per PPRA rule 33 (1) of PPRA Rules 2004 (Amended to date).

PID(H) 387/2025

CHIEF ENGINEER (DEVELOPMENT), PMU SEPCO, SUKKUR

پيپلز پارٽي مزدورن جي حقن جي تحفظ ۽ ڀلائي واري منشور تي مڪمل عمل جاري رکندي: سعيد غني

سنڌ حڪومت مزدورن جي ڀلائي لاءِ جيڪي قانون منظور ڪرايا آهن، اهي ڪنهن ٻئي صوبي ۾ موجود ناهن

عورت هارين کي يونين سازي ۽ هوم بيسڊ ورڪرز کي پنهنجن حقن لاءِ تنظيم ٺاهڻ جو حق ڏنو ويو

صنعتي مزدورن سان گڏوگڏ سمورن پورهيتن کي سماجي تحفظ جو قانون به منظور ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ سعيد غني عالمي مزدورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ملڪ جي سمورن مزدورن کي مبارڪباد پيش ڪئي آهي ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي مزدورن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن جي ڀلائي بهبود لاءِ پنهنجي منشور تي مڪمل طور تي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: انگلش اسپيڪنگ يونين جو سربراهه عزيز ميمڻ سينيٽر شيري رحمان کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

چڪ: ارڙي وگهي فوت ٿيل ٽن ٻارڙن جا فائيل فوٽو

چڪ پرسان ڳوٺ ۾ ٽن ڏينهن دوران ٽي معصوم ٻارڙا فوت، صحت کاتو اگهور ننڊ ستل

ڳوٺ غلام حسين پناڻ ۾ ڪير پياڪ ياسمين، شعيب ۽ دعا جمالي موذي مرض وگهي فوت ٿي ويا

ڊي ايڇ او شڪارپور کي آگاهه ڪرڻ باوجود تدارڪ نه ٿيڻ ڪري ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن: رهواسي

ڳوٺ جا ڪيترائي ٻارڙا مرض ۾ وڪوڙيل آهن، صحت کاتي جا اعليٰ عملدارن نوٽيس وٺي جلد ٽيمون موڪلين

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ پرسان ڳوٺ غلام حسين پناڻ ۾ معصوم ٻارڙا ارڙي ۽ جهڙي وبائي بيماري ۾ مبتلا ٽن ڏينهن اندر ٽي ٻار فوت ٿي ويا رستم ٿاڻي جي حد ڪاري ڪلر واري علائقي ۾ هڪ هفتي کان وٺي ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري ورتي ارڙيءَ سبب ٽي ڪير
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شاهپورچاڪر پرسان پورهيت جو لاش فصل مان هٿ، آپگهات جا چوٻول

ناجيا گارڊ علائقي واسي 55 ورهين جي علي شير ماڇي لاش شادي هال پرسان هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

شاهپورچاڪر (ن ع) شاهپورچاڪر پرسان شادي هال ناجيا گارڊن وٽ رهائشي 55 ورهين جو پورهيت علي شير ماڇيءَ جو ڪٽڪ جي فصل مان لاش هٿ آيو سندس وارثن جو چوڻ آهي ته ڪالهه گهر ڇڏي ويو ته آءِ هالا پنهنجي ڀاءُ وٽ وڃان ٿو اڄ سندس لاش فصل ۾ پيل مليو پرسان جيت مار زهريلي دوا جي بوتل پيل هئي سندس وارثن جو چوڻ آهي ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي هن غربت کان تنگ ٿي مبينا خودڪشي ڪئي آهي واقعي بعد گهر ۾ ڪهرام مچل

بلڙي شاهه ڪريم لڳ ڳوٺاڻي ڪان ڦرڻ مزاحمت تي گولي هڻي زخمي، اسپتال منتقل

بلڙي شاهه ڪريم (ت ز) بلڙي شاهه ڪريم پرسان آبادگار ٿاڻي جي حد ۾ ڏينهن ڏٺي جو شورڪي شاخ وٽ نامعلوم ڦورن ڀاڙڻ ڦر جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڳوٺاڻو غريب هاري رامجي ڪولهي ڦورن جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

منشيات ۾ ڪيڏو به باثر سياسي ماڻهو ملوث هجي ته هجي ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: آءِ جي سنڌ

سنڌ پوليس ۾ جاچ جو شعبو ڪمزور آهي، ان لاءِ سنڌ حڪومت تازو 2 هزار جاچ پوليس آفيسر ڀرتي ڪيا آهن

ڪراچي جي ڀيٽ ۾ حيدرآباد ۾ دهشتگردي جا خطرا گهٽ آهن، سڄي سنڌ ۾ دهشتگردن خلاف سي ٽي ڊي ڪامياب ڪارروايون ڪيون آهن

حيدرآباد جي عوام کي ڀرپور سيف سٽي پروجيڪٽ مبارڪ هجي: جاويد عالم اوڍو جي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهيون

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته اڻون موجوده رائج الوقت سان ٽڪرائي نئو سگهان منشيات ۾ باثر سياسي ماڻهو ملوث نڪتا ته انهن خلاف به ايڪشن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آءِ جي سنڌ حيدرآباد ۾ سيف سٽي جو افتتاح ڪري رهيو آهي ٻي طرف پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ميرپورماٿيلو ۾ پيپرن دوران شاگردن ۽ اوباشن ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

جروار هاءِ اسڪول ۾ شاگردياڻين کي تنگ ڪرڻ جي معاملي تان ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي عامر، ڪاشف، مراد، وسيم، جابر، ڪاشف، وسيم ۽ شاهه بيگ کي اسپتال آندو ويو

ميرپورماٿيلو (ن ع) جروار هاءِ اسڪول ۾ پيپر دوران اوباش ڇوڪرن جو پيپر ڏيندڙ شاگردياڻين کي تنگ ڪرڻ جي معاملي تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 7 ڄڻا زخمي هڪ اوباش نوجوان گرفتار جروار هاءِ اسڪول ۾ نائين ڏهين جا هلندڙ پيپرن دوران شاگردياڻين جي بلاڪ ۾ ٻاهرين ڪاپي ڪرائيندڙن اوباش ڇوڪرن بلاڪ ۾ داخل ٿي شاگردياڻين کي حراسان ڪرڻ جي معاملي تي جهيڙو ٿي پيو اسڪول ٻاهريان شاگردياڻين جي ڀهڻل ماڻهن ۽ اوباش نوجوان جي وارثن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ سروٽا ۽ لٺيون لڳڻ سبب 7 ڄڻا زخمي ٿي زخمين ۾ عامر گبول ڪاشف مراد لنڊ وسيم گبول جابر گبول ڪاشف گبول محمد وسيم لنڊ شاهه بيگ لنڊ شامل آهن هوڏانهن پوليس اوباش
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: ڪشمور پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو، فائرنگ، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو

ڳجهي اطلاع تي پوليس ڊگري ڪاليج پرسان پهتي ته ڌوهه جي ارادي سان ويٺل ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو

پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ڌاڙيل سليم جان ميراڻي مارجي ويو، سندس ساٿي فرار ٿي ويا

مارجي ويل ڌاڙيل وٽان بنا لائسنس وارو پسٽل ۽ هڪ موٽر سائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي آهي: ايس ايس پي

پوليس مڇي جي دڪان تان سليم جان کي گرفتار ڪيو، ڪوڙي مقابلي ۾ ماري ڇڏيو آهي: وارث

ڪنڌڪوٽ (ڊ ز) ڪنڌڪوٽ رات جو دير سان اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڊگري ڪاليج جي پرسان ڌاڙيل ڦر جي ارادي سان ويٺل هئا ته پوليس کي خوفيا اطلاع ڏنو ويو ون فاءِ جي انچارج ۽ ايس ايڇ او اي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ويجهو ٻهڻ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، عورت سميت ٻه زخمي

ڳوٺ مصري ٻهڻ ۾ پاڻي جي واري تان جهيڙي ۾ سليمان ۽ عورت زخمي ٿي پئي

زخمين کي وارثن اسپتال منتقل ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور پاڻي جي واري تان ڳوٺ مصري ٻهڻ ۾ ٻهڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو فائرنگ جي نتيجي ۾ سليمان ٻهڻ گولي لڳڻ ۽ هڪ عورت بندوق جا ڪنداق لڳڻ سبب زخمي ٿي پئي جن کي سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو زخمي جي پيءُ غلام حسين ٻهڻ ٻڌايو ته مصري علي محمد منو ارباب وسندو وارن پاڻي جي واري تان گوليون هڻي زخمي ڪيو اٿن ۽ گهرن تي فائرنگ ڪئي اٿن شهدادپور پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

دڙي لڳ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٽن عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي

دڙو (ن ع) دڙي لڳ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ٽن عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي دڙو اسپتال منتقل ڳوٺ ۾ ڇڪتاڻ خبر موجب دڙو
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ هوٽل تي چرس پيئڻ تان منع ڪرڻ تان جوابدار جي فائرنگ، هڪ ڄڻو

چانڊيا موڙ پرسان هوٽل تي ويٺل جوابدارن فائرنگ ڪري مالڪ سميت ٻن ڄڻن کي زخمي ڪيو

زخمي طارق ڦلپوٽو ۽ شهري ذوهيب مڪراڻي کي سول اسپتال علاج لاءِ آندو ويو

خيرپور (ڊ ز) خيرپور ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چانڊيا موڙ پرسان جوابدارن طرفان هوٽل تي فائرنگ ڪرڻ جي نتيجي ۾ هوٽل مالڪ سميت ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته ڪجهه ماڻهون هوٽل تي ويهي چرس پي رهيا هئا جن کي هوٽل مالڪ پاران منع ڪرڻ تي تڪرار پيدا ٿيو تڪرار دوران جوابدارن اوچتو فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ هوٽل مالڪ طارق ڦلپوٽو ۽ هڪ شهري ذوهيب مڪراڻي گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا جڏهن ته جوابدار واردات ڪان پوءِ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا واقعي بعد زخمين کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

شاهپورجهانيان ۾ بدامني چوٽ، چڙهيل چور دڪان کي ڪاٽ هڻي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

شاهپورجهانيان (ن ع) شاهپورجهانيان شهر بدامني جي لپيٽ ۾، ڌاڙيل سرگرم پوليس ستل شهري الله جي آسري، شهر جي ٿاڻي پرسان صحافي چوڪ لڳ نيشنل هاءِ وي تي قائم جهانيان موبائيل شاپ جي ڇت ٽوڙي چور 10 موبائيل فون 12 هزار روڪ رقم سولر چارجر بيٽري چارجر
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار مان ڪراچي مزدوري لاءِ ويل نوجوان جو ٻوري بند ٿيل لاش هٿ

نوجوان افضل بالادي جو لاش ڪراچي جي علائقي ايوب ڳوٺ وٽان ٻوري ۾ بند حالت ۾ مليو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

افضل روزگار جي ڳولا ۾ ڪراچي ويو هو، جتي هن سان هي دردناڪ واقعو پيش آيو آهي: وارث

ٽنڊوالهيار/عثمان شاهه هڙي (نمائندن وٽان) ٽنڊوالهيار مان ڪراچي مزدوري لاءِ ويل نوجوان قتل، ٻوري بند ٿيل لاش هٿ خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ لونگ بالادي سان تعلق رکندڙ 20 ورهين جي نوجوان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ويجهو خاصخيلي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ خداداد ڪپري ۾ ٻارڙن جي ڳالهه تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي نظام، شهزاد، غلام حسين ۽ ايمان کي پوليس اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ويجهو ڳوٺ خداداد ڪپري ۾ ٻارڙن جي ڳالهه تان خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو لٺين سرن جي آزادانه استعمال جي نتيجي ۾ نظام خاصخيلي شهزاد خاصخيلي غلام حسين ايمان خاصخيلي زخمي ٿي پيا جن کي سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو آهي هوڏانهن پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

اسلام ڪوٽ پرسان اوچتو باهه لڳڻ سبب ٻن پورهيتن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ ڪاڪهٽيار ڀڄير ۾ جمن حجام ۽ شير محمد حجام جي گهرن کي باهه لڳي

باهه لڳڻ سبب اناج، بسترا، ڪٽون، ڪپڙا، زيور ۽ ٻيو سامان سڙي خاڪ

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪاڪهٽيار ڀڄير ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب جمن حجام ۽ شير محمد حجام جا گهر سڙي رک ٿي ويا. باهه جي نتيجي ۾ گهرن اندر پيل سمورو سامان سڙي تباهه ٿي ويو جنهن ۾ اناج، برتن، بسترا، ڪٽون، ڪپڙا، زيور ۽ ٻيو گهريلو سامان شامل آهي. واقعي بعد متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ اچي ويا آهن ۽ هنن حڪومت ۽ مخير حضرات کان فوري واهر ۽ مالي سهائتا جو مطالبو ڪيو آهي

اسلامڪوٽ: گهرن کي لڳل باهه مان شولا اٿي رهيا آهن

شاهپورجهانيان ۾ بدامني چوٽ، چڙهيل چور دڪان کي ڪاٽ هڻي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

شاهپورجهانيان (ن ع) شاهپورجهانيان شهر بدامني جي لپيٽ ۾، ڌاڙيل سرگرم پوليس ستل شهري الله جي آسري، شهر جي ٿاڻي پرسان صحافي چوڪ لڳ نيشنل هاءِ وي تي قائم جهانيان موبائيل شاپ جي ڇت ٽوڙي چور 10 موبائيل فون 12
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

راڻيپور واسين پاران عيسيٰ لاڪو قبرستان تي قبضي خلاف پنجين ڏينهن به احتجاج جاري

راڻيپور (ن ع) تحفظ عيسو لاڪو قبرستان ڪاميٽيءَ جي پاران راڻيپور جي تاريخي ۽ قديمي عيسولاڪو قبرستان تي قبضو ڪرڻ جي سازش ۽ وڏن جي واڌي خلاف 5 ڏينهن به اي سي آفيس اڳيان احتجاجي ڪئمپ جاري آهي مظاهرين غازي امداد لاڙڪ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ ٽريفڪ اهلڪار ۽ مزدورن تي تشدد، احتجاج

ٽريفڪ اهلڪار روز مفت ۾ ڀوڙ ڪٽن ٿا، نه ڏيڻ تي تشدد ڪيو: مزدور

ٽنڊوباگو (ت ز) ٽنڊوباگو ۾ رڪشا ذريعي سبزي وڪرو ڪندڙ مزدورن ممتاز هاليپوٽو، پنجي ڪولهي پاران فري ۾ ڀوڙ نه ڏيڻ تي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوروواهه ۾ پيرسن جوڙي جو ڌيءَ سان مبينا زيادتي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڳوٺ عارو جت واسي پيرو جت ۽ راڃي جت 18 ورهين جي ڌيءَ امينه سان گڏجي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

نياڻي کي پٽي گهر جو ڪم ڪرڻ بهاني گهرايو ته باثر جوابدار قاسم جت زبردستي زنا ڪيو آهي: مظاهرين

اسان غريب مسڪين آهيون، اسانجي نياڻي سان ظلم ٿيو آهي، جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ڪوروواهه (رپورٽ: غلام علي مغل) ڪوروواهه ويجهو ڳوٺ عارو جت جي رهواسي ارڙهن سالہ امينه ڌيءَ پيرو جت پنهنجي پيءُ پيرو ۽ ماءُ راڃي سان گڏ پريس ڪلب ڪوروواهه پهچي الزام هڻندي چيو ته منهنجي پٽي نوران گهر جي ڪم ڪرائڻ بهاني سندس گهر وٺي وڃي گهر جا دروازه بند ڪري جوابدار قاسم جت هٿان زبردستي زنا ڪرايو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو لڳ نوجوان وڻ جي انب ۾ رسو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو

ٽنڊوباگو (ت ز) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ شاهه جو فارم تي هڪ هاري نانجي پٽ ڌرمون ڪولهي ڳوٺ شاهه فارم گهرن پرسان انب جي وڻ ۾ رسو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو فوتي جو لاش پوليس پاران تعلقا اسپتال آندو ويو جتي فوتي جو پوسٽ مارٽم هلندڙ ٻي طرف سندس پاڻن موجب دماغي توازن درست نه هئڻ ڪري نوجوان آپگهات ڪيو آهي، پوليس موجب ڪيس ۾ وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

ٽنڊو باگو: فوت شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

کپڇاڻي ويجهو ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، هڪ زخمي

سانگهڙ نوابشاهه مين روڊ تي حادثي ۾ 35 ورهين جو عزيز لاڪو ٿلهي تي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي گورنر لاڪو کي ڪڻائي اسپتال منتقل ڪيو

کپڇاڻي (ن ع) کپڇاڻي پرسان سانگهڙ نوابشاهه مين روڊ تي نائون پير اسٽاپ وٽ ايل اين جي ٽينڪر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 35 ورهين جو عزيز لاڪو ٿلهي تي جيپاڻجي فوت ٿي ويو جڏهن ته گورنر لاڪو سخت زخمي ٿي پيو کپڇاڻي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي ۽ فوتي جي لاش کي نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو فوتي ۽ زخمي شهدادپور جا رهواسي آهن جيڪي نوابشاهه مان مزدوري ڪري واپس گهر وڃي رهيا هئا ته سانحو حادثو پيش آيو جڏهن ته ٽينڪر ڊرائيور فرار ٿي ويو پوليس ٽينڪر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

ٽنڊوآدم برانچ ڪي 50 فوٽ ڳارو، سوين ايڪڙن بيٺل فصل پاڻي هيٺ

ڳوٺ محمد خان جسڪاڻي وٽان رات دير سان برانچ کي ڳارو پئجي ويو

اطلاع باوجود آبپاشي عملو نه پهتو، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت بند ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ محمد خان جسڪاڻي وٽان رات دير سان ٽنڊوآدم برانچ کي ڳارو پئجي ويو جيڪو وڌي 50 فوٽ ٿي ويو ڳاري سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو ۽ پاڻي ڳوٺ ۾ داخل ٿي ويو ۽ شهر طرف وڌڻ لڳو اطلاع باوجود آبپاشي عملو نه پهتو اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي ڳاري واري هنڌ پهتو ۽ ڳوٺاڻن جي مدد سان ڳاري کي بند ڪيو ويو ڳوٺاڻن الزام هنيو آهي ته ڳارو آبپاشي کاتي جي نااهلي ڪري پيو آهي

اسلام ڪوٽ ڳوچر زمين ۾ ڪول متاثرن کي زمين الاٽ ڪرڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين ڳوٺاڻن ٽن ڪلاڪن تائين ڌرڻو هڻڻ اس ۾ ڌرڻو هڻي ٿرڪول-ننگرپارڪر روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

اسان جي چوپايو مال جي جيڪا چراگاهه ڳوچر جيڪا ٿوري گهڻي بچي آهي انهي کي به کسيو پيو وڃي: مظاهرين

زمين سرڪاري آهي، متاثرين کي آباد ڪرڻ جو فيصلو برقرار، قبضا برداشت نه ڪيا ويندا: انتظاميا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي ٻجير) ٿر ڪول بلاڪ ون جي متاثر ڳوٺ رروائي جي راهمان برادري جي متاثرن کي روينيو انتظاميه پاران بلاڪ ون جي ويجهو مختلف ڳوٺن ڳوٺ مهاور پيل باريجوٽ شهمير
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: ڳوٺاڻا ٿرڪول ويجهو روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور جي عدالت پاران قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 5 جوابدارن کي عمر قيد جي سزا

خيرپور (ڊ ز) خيرپور جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 5 جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي ٿرڊ ايڊيشنل سيشن جج خيرپور نظام الدين لاڙڪ جي عدالت ۾ احمد پور ٿاڻي جي حد پناڻ هوٽل پرسان
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ون فائيو انچارج جي ڏاڍائين خلاف ميواتي برادري جو احتجاج

مظاهرين محمد وسيم ميواتي، علي محمد ميواتي، انور ميواتي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس نوجوان وسيم ميواتي کي بيگناهه گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي: مظاهرين

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ ميواتي برادري جي ماڻهن پريس ڪلب اڳ ون فائيو جي انچارج خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي محمد وسيم ميواتي، علي محمد ميواتي، انور ميواتي ۽ ٻين ڏاڍينڌي الزام مڙهيو ته ون فائيو انچارج حميد جعفري باثر جي چوڻ تي نوجوان وسيم ميواتي کي بيگناهه گرفتار ڪيو جنهن بعد ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ۽ گندا لفظ ڳالهايا هنن چيو ته ون فائيو انچارج مبينا طور نشي ۾ ڌت هو شهرين جي مزاحمت ڪرڻ تي هن گرفتار ٿيل وسيم ميواتي کي ڇڏيو پر ڌمڪيون ڏيندو هنن چيو ته ون فائيو انچارج شهرين جو مددگار هجڻ بجاءِ عذاب بڻيل آهي اسان
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

پنگريو پرسان شوگر ملز جي چيف اڪائونٽنٽ پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي

بدين (ڊ ز) پنگريو پرسان تلهار شوگر ملز جي چيف اڪائونٽنٽ ارشاد آرائين پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو گهر ۾ ڪهرام مچل تفصيل موجب پنگريو پرسان ملڪاڻي شريف لڳ ڳوٺ چوهدري دين محمد ۾ آرائين برادري جي محمد ارشاد آرائين ولد چوهدري نظير احمد آرائين جيڪو تلهار شوگر ملز ۾ چيف اڪائونٽنٽ هو پاڻ تي پسٽل جو فائر ڪري پنهنجو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بدين: فوت شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊومحمدخان پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، 20 جوابدار گرفتار

ٽنڊومحمدخان (ڊ ز) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس طارق رزاق ڌاريجو جي حڪم تي ٽنڊومحمدخان پوليس پاران مين پوڙي گٽڪو سپاري ۾ ملوث منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري رکندي ضلعو مان 20 جوابدارن کي گرفتار ڪري
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڏالهي لڳ 16 سالن جي ناري ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڏالهي (ن ع) ڏالهي لڳ افسوسناڪ واقعو پيش آيو ڳوٺ 17 واٽر ۾ 15 کان 16 سالا نوجوان ناري موسل عرف گڏي ڌيءَ پرڃو پيل مبينا طور گاردر ۾ پوتي جو ڦاهو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو واقعي بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏالهي: مبينا طور آپگهات ڪندڙ ناري جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited for the following:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBT-PT-PPE-319554953-2026	PRE-QUALIFICATION FOR SUPPLY OF PERSONAL PROTECTIVE EQUIPMENT	18.05.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **05.03.2026, 22.04.2026** and **29.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-60-3663-314239769-2026	SUPPLY OF UTILITY WATER AT SHAKARDARA, DISTRICT KOHAT	18.05.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back andre-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No. 210/55

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.